Reg No 2677

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

ڪراچي

Daily SINDHYAR Karachi

NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

جلد :11 | اڱارو 20 ڊسمبر 2022ع بمطابق 25 جمادي الاول 1444ھ | شمارو 67 | قيمت10 روپيا

عمران خان کي پنهنجي وزيراعليٰ شٽ اپ ڪال ڏئي ڇڏي: شرجيل انعام

چوڌري پرويز الاهي عمران خان ۽ پي ٽي آئي کي انهن جي اوقات ياد ڏياري ڇڏي آهي، پرويز الاهي سمجهدار سياستدان آهي ان موقعي کي ڏسي ڪري پتو اڇلايو آهي

پرويز الاهي عمران خان کان گجرات، چڪوال ۽ پنجاب جي ٻين ضلعن ۾ ايندڙ عام چونڊن ۾ 30 سيٽن جي گارنٽي جو مطالبو ڪري رهيو آهي: صوبائي وزير

پنجاب جو سڀ کان وڏي ڏاڙيل جو لقب حاصل ڪرڻ وارو، اڄ عمران خان تي ڳرو ثابت ٿي رهيو آهي، عمران خان رياست کي ڪرڪيٽ جو ميدان سمجهي ويٺا هئا

جتي هو هر طرح جي من ماني ڪري سگهي، عمران نيازي ٻڏي ويو! اتحادي حڪومت ۽ پاڪستان جي عوام توهان جي عدم استحڪام جي سازشون ناڪام بڻائيندي

اطلاعات آهي ته پنجاب ۽ خيبرپختونخواه جون اسيمبليون ٽوڙڻ جي تاريخ جو اعلان جادو ٽوڻي ڪانپوءِ ڪيو ويو آهي، عمران خان ۽ پي ٽي آئي ملڪ کي جادو نگري ۾ تبديل ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن

عمران نيازي ملڪ ۽ قوم جي بقاءَ جا فيصلا جادو ٽوڻي ۽ فال ڪڍي ڪرڻ چاهي ٿو: سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ جو پريس ڪانفرنس کي خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته عمران کي پنهنجي وزيراعليٰ شٽ اپ ڪال ڏئي ڇڏي آهي چوڌري پرويز الاهي عمران خان ۽ پي ٽي آئي کي انهن جي اوقات ياد ڏياري ڇڏي آهي. پرويز الاهي سمجهدار سياستدان آهي ان موقعي کي ڏسي ڪري پتو اڇلايو آهي، ان ڳالهه جو اظهار صوبائي پنهنجي هڪ بيان ۾ ڪيو. صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته پرويز الاهي عمران خان کان گجرات، چڪوال ۽ پنجاب جي ٻين ضلعن ۾ ايندڙ عام چونڊن ۾ 30 سيٽن جي گارنٽي جو مطالبو ڪري رهيو آهي. هن چيو ته پنجاب جو سڀ کان وڏي ڏاڙيل جو لقب حاصل ڪرڻ وارو. اڄ عمران خان تي ڳرو ثابت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: سنڌ جي اطلاعات وارو وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪندي

پنجاب اسيمبلي کي ٽٽڻ کان بچائڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست

لاهور (م د) پنجاب اسيمبلي کي امڪاني طور ٽوڙڻ کان بچائڻ لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي. هاءِ ڪورٽ ۾ ٽوبا ٽيڪ سنگهه جي شهري درخواست داخل ڪرائي آهي جنهن ۾ چيئرمين پاڪستان تحريڪ انصاف عمران خان ۽ وزيراعليٰ پنجاب کي پرنسپل سيڪريٽري ذريعي ڌر بڻايو ويو آهي. درخواست ۾ پنجاب جي گورنر کي به /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

نواز ليگ پاران پنجاب ۾ بي اعتمادي رٽ نه آڻڻ جو فيصلو، چونڊن جي لاءِ تيار آهيون: اسحاق ڊار

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ماڊل ٽائون ۾ پارٽي جو اهم اجلاس، موجوده صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ، ليگي ميمبرن ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبرن کي فوري طور تي لاهور پهچڻ جو حڪم

چونڊن جي تاريخ جو فيصلو اليڪشن ڪميشن ڪي ڪرڻو آهي، چيف اليڪشن ڪمشنر پنهنجو آئيني ڪردار ادا ڪندو، حڪومت مردم شماري لاءِ فنڊ جاري ڪري ڇڏيا آهن: ناڻي وارو وفاقي وزير

ايندڙ چونڊون مردم شماري مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ٿينديون ۽ جيڪڏهن اسيمبليون ٽوڙيون وڃن ته 90 ڏينهن اندر چونڊون ٿي سگهن ٿيون، پيٽروليم شين ۽ ڊالر جي قيمت ۾ واضح گهٽتائي ٿي آهي

40 مهينن جي معاشي تباهي کي 5 کان 6 مهينن ۾ به ٺيڪ نٿو ڪري سگهجي، قائداعظم جي سالگرهه جي موقعي تي صدارتي هائوس ويس، صدر عارف علوي سان ملاقات ٿيندي آهي ته ڳالهيون ٿينديون رهنديون آهن

پنجاب جي اليڪشن ۾ هر حلقي ۾ پي ٽي آءِ جون ضمانتون ضبط ٿينديون، عام چونڊون وقت تي ٿينديون، عمران خان مهانگائي جي جن کي بوتل مان ڪڍي ويو آهي: احسن اقبال

مون کي هڪ پراجيڪٽ ٻڌايو جنهن جو بنياد پي ٽي آءِ رکيو هجي، جيڪي منصوبا هلي رهيا آهن انهن جو بنياد حمزه شهباز رکيو، عمران نيازي ٻڌائي ته جڏهن پنجاب ۾ حڪومت هئي ته ترقياتي منصوبا شروع ڇو نه ڪيا ويا؟

لاهور (م د) وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ماڊل ٽائون ۾ پارٽي جو اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ ليگي ميمبرن ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبرن کي فوري طور تي لاهور پهچڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. رپورٽ موجب وفاقي وزير خواجه سعد رفيق، سردار اياز صادق، خواجه سلمان رفيق، ملڪ احمد خان، عطاءالله تارڙ سميت ٻيا اهم اڳواڻ پارٽي اجلاس ۾ شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ پنجاب جي سياسي صورتحال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ٿرڪول جي بورڊ اجلاس جي صدارت ڪندي

آصف زرداري، شاهد خاقان ۽ فريال ٽالپور جا ڪيس ٻڌندڙ جج بدلي

احتساب عدالت جو جج آصف زرداري، شاهد خاقان، فريال ٽالپور ۽ مفتاح اسماعيل خلاف ڪيسن جي ٻڌڻي هلائي رهيو هو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي سفارش تي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ناصر جاويد رانا احتساب عدالت اسلام آباد جو نئون جج مقرر ٿي ويو

اسلام آباد (م د) آصف زرداري، شاهد خاقان ۽ فريال ٽالپور جا ڪيس ٻڌندڙ احتساب عدالت اسلام آباد جو جج بدلي ٿي ويو احتساب عدالت جو جج اعظم خان آصف زرداري، شاهد خاقان، فريال ٽالپور ۽ مفتاح اسماعيل خلاف ڪيسن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بجلي ۽ گئس واهپيدارن تي ڪو به واڌو بوجهه نه وڌو وڃي: وزيراعظم

ن ليگ جي حڪومت بهتر پاليسي ذريعي 2013 کان 2018 تائين پنهنجي حڪومتي دور ۾ گردشي قرضن کي مڪمل ختم ڪرڻ جو عملي ثبوت ڏئي چڪي آهي

لاڳيتو محنت ۽ اثرائتي حڪمت عملي سان هاڻ به ان مسئلي تي ڀيهر ضابطو آڻي رهيا آهيون، توانائي واري شعبي ۾ سڌارن وارو عمل اهڙي نموني مڪمل ڪيو ويندو

سوئي سدرن گئس جي ورچ ڪنلز ڪمپنيون بلن جي اوڳاڙي واري نظام کي فوري طور بهتر ڪن، بجلي ۽ گئس واهپيدارن تي ڪو واڌو بار نه وڌو ويندو: شهباز شريف

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف هدايت ڏني آهي ته بجلي ۽ گئس واهپيدارن تي ڪو به واڌو بوجهه نه وڌو وڃي. وزيراعظم توانائي واري شعبي جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪئي. اجلاس ۾ بجلي ۽ گئس جي شعبن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

رپئي جي مقابلي ۾ ڊالر جي اڏام اڄ به جاري

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) پاڪستاني رپئي جي مقابلي ۾ آمريڪي ڊالر اڄ به مهانگو ٿي رهيو آهي، اڄ صبح ڪاروبار جي شروعات تي آمريڪي ڊالر وڌيڪ مهانگو ٿي ويو آهي. انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ ڊالر 29 پئسا مهانگو ٿي 225 رپيا ٿي ويو آهي. گذريل ڪاروباري هفتي جو آخري ڏينهن جمعو (جمعي) انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 224 رپيا 71 پئسا تي بند ٿي ويو. هيٺي طرف پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پي ڊي ايم شجاعت جي ضمانت تي پرويز الاهي کي قبولڻ لاءِ تيار، مونس الاهي رڪاوٽ

پي ڊي ايم پرويز الاهي تي اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ مونس الاهي جي سرگرمين سبب چوڌري شجاعت حسين به پرويز الاهي جي ضمانت کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

پرويز الاهي انٽرويو ۾ عمران خان کي ڪوڙو، احسان فراموش ۽ محسن ڪش قرار ڏئي دراصل پي ڊي ايم کي اشارو ڏنو آهي ته هو سندن پاسي ٿيڻ لاءِ تيار آهي: صحافي

مونس الاهي وري وچ ۾ بڻي ڳالهه ٻيهتو آهي جنهن ڪري معاملو وري منجهي ويو آهي، پرويز الاهي غلطي ۽ جو اعتراف ڪري ته پي ڊي ايم ۾ سندس واپسي ممڪن آهي: چوڌري سالڪ

لاهور (م د) پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي جي پوري زندگي جي سياست کي سندس فرزند مونس الاهي لوڙهي ڇڏيو آهي. جنهن ڪري پي ڊي ايم پرويز الاهي تي اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ مونس الاهي جي سرگرمين سبب چوڌري شجاعت حسين به پرويز الاهي جي ضمانت کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. صحافي امداد سومري موجب پرويز الاهي انٽرويو ۾ عمران خان کي ڪوڙو، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪڻڪ جو بحران: اٽو وڌيڪ مهانگو ٿيڻ جو امڪان

حڪومت ڪڻڪ جي فراهمي لاءِ ڪي به قدم ناهن کنيا، نئين فصل اچڻ ۾ ساڍن ٽن مهينن جو وقت لڳندو: عبدالرئوف ابراهيم

اسان وٽ ڪڻڪ جو اسٽاڪ به موجود نه آهي، 80 ٽن ڪڻڪ امپورٽ جي ضرورت هئي پر 13 کان 15 لک ٽن ڪڻڪ امپورٽ ڪئي وئي آهي

ڪڻڪ جي هول سيل قيمت 15 ڏينهن اڳ 84 روپيه هئي جيڪا هاڻ 99 روپين تي پهچي چڪي آهي، في ڪلو قيمت 140 روپين تائين پهچي وئي

ڪراچي (م د) سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪڻڪ جو بحران شدت اختيار ڪرڻ کان پوءِ اٽي جي قيمت ۾ وڌيڪ واڌ جو امڪان پيدا ٿي ويو آهي. هول سيل گروسرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين عبدالرئوف ابراهيم چيو آهي ته حڪومت ڪڻڪ جي فراهمي لاءِ ڪي به قدم ناهن کنيا. نئين فصل اچڻ ۾ ساڍن ٽن مهينن جو وقت لڳندو. جڏهن ته اسان وٽ ڪڻڪ جو اسٽاڪ به موجود نه آهي. 80 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان اٽلي جو سفير ملاقات ڪندي

عون چوڌري جي شهباز شريف سان ملاقات، ترين جو پيغام پهچايو

لاهور (م د) جهانگير ترين جو خصوصي پيغام وزيراعظم شهباز شريف کي سندس سياحت ۽ راندين واري صلاحڪار عون چوڌري پهچايو آهي. وزيراعظم شهباز شريف سان سياحت ۽ راندين واري صلاحڪار عون چوڌري ملاقات ڪئي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ عون چوڌري ملاقات دوران گهرو معاملن، پنجاب جي سياسي صورتحال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ٿرڪول بلاڪ ون جي ڪوئلي تي پاور پلانٽس ڪم شروع ڪري ڏنو

330 ميگاواٽ جي ٻن پاور پلانٽس مان 2019 کان نيشنل گرڊ کي بجلي ڏني پئي وڃي

330 ميگاواٽ جي ٽئين نوان پاور پلانٽ مان ايندڙ سال کان بجليءَ جي فراهم شروع ٿي ويندي

ڪراچي (م د) ٿرڪول بلاڪ ون جي ڪوئلي تي 660 ميگاواٽ جي پاور پلانٽس ڪم شروع ڪري ڏنو پهرين پاور پلانٽس 2 ڊسمبر کان ڪم ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پرويز الاهي خلاف بي اعتمادي جي رٽ پيش نه ڪرڻ جو فيصلو

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي آهي

چوڌري شجاعت حسين جو پٽ چوڌري سالڪ چوڌري پرويز الاهي کي وڏو وزير رکڻ جي حق ۾ ناهي

لاهور (م د) وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي خلاف بي اعتمادي جي رٽ پيش نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جي اندروني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

مظفر آباد: آزاد ڪشمير جي صدر سلطان محمود چوڌري سان سردار شاهد لغاري ملاقات ڪندي

وفاقي سرڪار ۽ اتحادي پنجاب اسيمبلي کي بچائڻ لاءِ سرگرم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ لاهور ۾ نون ليگ جي مشاورتي اجلاس ۾ متلف آپشنز تي غور ويچار ڪيو ويو

اجلاس ۾ پرويز الاهي کي گورنر ذريعي اعتماد جو ووٽ وٺڻ لاءِ چوڻ سميت مختلف آپشنز تي مشاورت ڪئي وئي

شهباز شريف اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ چوڌري شجاعت سان ٿيل ملاقاتن بابت پارٽي اڳواڻن کي آگاهه ڪيو

اسلام آباد (م د) پنجاب اسيمبلي کي بچائڻ لاءِ وفاقي سرڪار ۽ حڪمران اتحاد جون ڪوششون جاري آهن وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ لاهور ۾ نون ليگ جي مشاورتي اجلاس ۾ متلف آپشنز تي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ پرويز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سي ٽي ڊي خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردن سان مقابلي جي صلاحيت ئي ناهي: رپورٽ ۾ انڪشاف

ڪي پي ۾ دهشتگردي جي وڌندڙ واقعن جي روڪٿام ممڪن ناهي، خيبرپختونخوا ۾ پي ايس پي رينڪ جي سينيئر آفيسرن جي سخت کوٽ آهي

ايس ايس پي پوسٽ جو رڳو هڪ آفيسر ڊي آءِ جي طور ڪم ڪري رهيو آهي، سي ٽي ڊي پنجاب وٽ 15 کان 18 ايس ايس پي رينڪ جا آفيسر ۽ ٻه ڊي آءِ جي آهن

هڪ سال دوران پنجاب ۾ دهشتگردي جا ٻه واقعا ٿيا جڏهن ته خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي جا ٻه سئو واقعا ٿيا ۽ وڏو جاني نقصان ٿيو

اسلام آباد (م د) قومي ادارن جي رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته ڪائونٽر ٽيررازم ڊيپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) خيبرپختونخوا دهشتگردي جو مقابلو نٿو ڪري سگهي ۽ صوبي ۾ دهشتگردي جا وڌندڙ حملا نٿو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اليڪشن جلد نظر نٿي اچي، پنجاب ۾ حالتون بهتر ٿينديون: چوڌري شجاعت

مون کي عام چونڊون جلد ٿيندي نظر نه ٿيون اچن، جڏهن ته پنجاب ۾ حالتون ٺيڪ ٿي رهيون آهن

شهباز شريف ۽ آصف زرداري جي ڪالهه واري ملاقات سٺي هئي ۽ ان ۾ ڪا به ناڪاري ڳالهه نه هئي

اڄ منهنجي ڪنهن به اڳواڻ سان ملاقات ناهي ٿي، سياسي رابطا ۽ ملاقاتون ايندڙ ٽن کان چئن ڏينهن تائين جاري رهنديون

لاهور (م د) مسلم ليگ (ق) جي صدر چوڌري شجاعت چيو آهي ته مون کي عام چونڊون جلد ٿيندي نظر نه ٿيون اچن. جڏهن ته پنجاب ۾ حالتون ٺيڪ ٿي رهيون آهن. هڪ بيان ۾ چوڌري شجاعت حسين چيو ته شهباز شريف ۽ آصف زرداري جي ڪالهه واري ملاقات سٺي هئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

لاهور: مسلم ليگ (ق) جو صدر چوڌري شجاعت پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ حڪومت ۽ ANF جو ڪراچي ۾ 2 منشيات بحالي جا سينٽر هلائڻ جو معاهدو

سنڌ حڪومت جو صوبي جي ٻين شهرن ۾ به منشيات جي عادي ماڻهن جي بحالي لاءِ سينٽر ناهڻ جو منصوبو

پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت هي ادارا هلايا ويندا: چيف سيڪريٽري سنڌ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ۽ اين ايف اي جي وچ ڪراچي ۾ منشيات بحالي جا 2 ادارا هلائڻ جي بابت معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون. سماجي ڀلائي واري صوبائي وزير ساجد جوکيو ۽ بريگيڊيئر وقار رضوي جي موجودگي ۾ ڊاڪٽر شيرين مصطفيٰ سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ۽ ليفٽيننٽ ڪرنل انور حسين معاهدي تي صحيحون ڪيون. ايگريمينٽ جي مطابق اي اين ايف جي تحت منگهوپير ۽ ملير ۾ منشيات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

شهباز شريف جو سکر جو دورو، ن ليگ جي ضلعي عهديدارن سينيئر اڳواڻن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو

ضلعي عهديدارن سان سينيئر اڳواڻن جي ناراضگي وڌي وئي، مرڪزي ۽ صوبائي اعليٰ قيادت کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ميان شهباز شريف ڪجهه ڏينهن اڳ سکر پهتو هو، تقريب ۾ مسلم ليگ ن سکر ضلعي جي عهديدارن کي به مدعو ڪيو ويو هو

جنهن لاءِ سکر جي ضلعي صدر ۽ ٻين اعليٰ عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي پاس جاري ڪيا ويا هئا. ضلعي عهديدارن تقريب ۾ شرڪت نه ڪئي

سکر (رپورٽر) وزيراعظم ميان شهباز شريف جو سکر جو دورو ن ليگ جي ضلعي عهديدارن سينيئر اڳواڻن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. ضلعي عهديدارن سان سينيئر اڳواڻن جي ناراضگي وڌي وئي. مرڪزي ۽ صوبائي اعليٰ قيادت کان نوٽيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سنڌ حڪومت ۽ ANF جو ڪراچي ۾ 2 منشيات بحالي جا سينٽر هلائڻ جو معاهدو

حڪومت جو صوبي جي ٻين شهرن ۾ به منشيات جي عادي ماڻهن جي بحالي لاءِ سينٽر ناهڻ جو منصوبو، پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت هي ادارا هلايا ويندا

صوبي ۾ منشيات جي عادي ماڻهن جي بحالي جا سينٽر ناهيا ويندا جن کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت هلايو ويندو: چيف سيڪريٽري سنڌ

ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي منشيات جي بابت مهم هلائي ويندي، اي اين ايف سان گڏ 2 بحالي سينٽر شروع ڪري رهيا آهيون: ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ۽ اين ايف اي جي وچ ڪراچي ۾ منشيات بحالي جا 2 ادارا هلائڻ جي بابت معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون. سماجي ڀلائي واري صوبائي وزير ساجد جوکيو ۽ بريگيڊيئر وقار رضوي جي موجودگي ۾ ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

راولپنڊي: سپرٽ اينڊ لائف فيملي بائبل چرچ طرفان ڪرسمس جي تقريب کي پاسٽر سونيل سميول خطاب ڪندي رهيو آهي

دانيا شاهه ضمانت جي درخواست داخل ڪري ڇڏي

ڪراچي (م د) مرحوم ايم اين اي عامر لياقت جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ ڪابينا ۾ ڦيرڦار، 4 خاص معاونن کي کاتا ڏنا ويندا

ڪراچي (م د) سنڌ ڪابينا ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر ڦيرڦار جو فيصلو ڪيو ويو آهي، 4 خاص معاونن کي کاتا ڏنا ويندا ميڊيا موجب، پير بچل شاهه، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

گالهيون ناڪام، سي ٽي ڊي آفيس تي هٿياربندن جو قبضو برقرار

هٿياربند جوابدار هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ يرغمالين کي آزاد ڪرڻ لاءِ تيار ناهن: ذريعا

رات دير تائين جهڙپ جاري هئي، جنهن جي نتيجي ۾ 2 سيڪيورٽي اهلڪار زخمي ٿي پيا هئا

بنون (م د) بنون ۾ ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) جي عمارت تي دهشتگردن جي قبضي کي 15 ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت گذري ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ايندڙ مهيني تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي جو عوام کي رليف نه ڏيڻ جو فيصلو

آءِ ايم ايف سان ڊيزل تي في ليٽر 50 رپيا ليوي لاڳو ڪرڻ جو معاهدو ٿي ويو آهي

جنهن تحت ايندڙ 2 ۾ پيٽروليم ليوي ڊيزل تي 20 رپيا في ليٽر وڌائي ويندي

اسلام آباد (م د) حڪومت ايندڙ مهيني تيل جي اگهن ۾ گهٽتائي سبب عوام کي مڪمل رليف نه ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ناڻي واري وزارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب ٻوڏ متاثرين کليل آسمان هيٺ ويٺل آهن: اياز لطيف پليجو

متاثرن جي امداد جي نالي ۾ اربين روپين جي ڪرپشن ڪئي پئي وڃي، سامان وڪرو ٿي رهيا آهن، من پسند ماڻهن کي نوازيو پيو وڃي

سنڌ سنڌين لاءِ صوبو ۽ ڌرتي ماءُ آهي، ماءُ جي قتل بابت ڪا به برداشت ناهي، اقتدار اچڻو وڃڻو آهي، اقتدار لاءِ غداري ڪندا ته تاريخ ۾ دفن ٿي ويندا

سنڌي ماڻهو ڌرتي وانگر آهن، اهي ٿڌا آهن ته ٿڌا آهن، اهي گرم ٿين ٿا ته ٿڌا نٿا ٿين، جيئن پنو نظام هلڻ نه ڏنو، جيئن ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ نه ڏنو

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي چيو آهي ته حڪمرانن جي غلط پاليسين ۽ نااهلي جي ڪري ٻوڏ متاثرين پيرن، ٻزرگ، مائرون ۽ ٻار سخت سيءَ ۾ کليل آسمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ناڻي واري وزير جي صدر سان ملاقات، ڳالهين ذريعي معاملا حل ڪرڻ تي زور

اسلام آباد (م د) پنجاب جي سياسي صورتحال ۽ معاملن کي ڳالهين سان حل ڪرڻ لاءِ صدر ڊاڪٽر عارف علوي هڪ ڀيرو ٻيهر زور ڏنو. رپورٽ موجب قائداعظم جي سالگرهه بابت ايوان صدر ۾ تقريب جي رڪارڊنگ ٿي جنهن ۾ صدر عارف علوي، ناڻي واري وزير اسحاق ڊار سميت ٻين وفاقي وزيرن شرڪت ڪئي. تقريب کان اڳ صدر ۽ ناڻي واري وزير جي وچ ۾ ملاقاتون ٿيون جنهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: وفاقي وزير شازين بگٽي سعودي وزير کي شيلڊ ڏيندي

ترقي ماڻيندڙ پوليس آفيسرن کي رينڪ لڳائڻ جي تقريب

پوليس آفيسرن (PSP) کي رينڪ لڳائڻ واري تقريب وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد ڪئي

سنڌ جي وڏي وزير پي ايس پي جي 21 گريڊ جي نون ترقي ماڻيندڙ آفيسرن کي رينڪ لڳايا

پي ايس پي آفيسرن ۾ 20 گريڊ ۾ ترقيون ماڻيندڙ عثمان غني صديقي، تنوير عالم اوڊو، طارق ڌاريجو ۽ عطا الله چانڊيو شامل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه نون ترقي ماڻيندڙ پوليس آفيسرن (PSP) کي رينڪ لڳائڻ واري تقريب وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد ڪئي. تقريب ۾ صوبائي وزير صنعت جام اڪرام ڌاريجو، چيف سيڪريٽري سهيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي پوليس چنچر ۽ آچر جي وچ ۾ مختلف مقابلن دوران 7 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

نارٿ ناظم آباد جي بلاڪ ٽي ۾ ٽينڪي گرائونڊ ويجهو شريح نورجهان پوليس ڪارروائي ڪندي شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو

پوليس اهلڪارن جوابدارن کي پڙڪايو ۽ ڪين سجاڳ لاءِ روڪڻ جو چيو پر هنن فائرنگ ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي

پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ 18 ورهين جو حسنين ۽ 18 ورهين جو حنظله مراد زخمي ٿي پيا، سندن ٻيا ساٿي بلال ۽ عرفان فرار ٿي ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس چنچر ۽ آچر جي وچ ۾ مختلف مقابلن دوران 7 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار ٿيلن ۾ هڪ ڪار ڊيلر جيڪو چوري ٿيل گاڏيون ويجهن شهرن ۾ وڪرو ڪري ٿو. نارٿ ناظم آباد جي بلاڪ ٽي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

روجهاڻ ۾ خوفناڪ حادثو: ٻن ڪوچز ۾ ٽڪر، 8 مسافر فوت

23 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن، روجهاڻ واري علائقي ٻن ڪوچز ۾ ٽڪر ٿيو

ڪنڊيڪٽر غلام شبير جعفري ۽ لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ 2 مسافر به شامل آهن

اسلام آباد (م د) پنجاب ۾ انڊس هاءِ وي تي ٻن ڪوچز ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 8 مسافر فوت ٿي ويا. جڏهن ته 23 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن روجهاڻ واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

پرويز الاهي اسان جو اتحادي آهي: علي زيدي

پرويز الاهي پنهنجو موقف ڏنو آهي جنهن سان ڪنهن کي اتفاق ٿئي يا نه ٿئي

پاڪستان تحريڪ انصاف جو موقف چيئرمين عمران خان ڏئي چڪو آهي

ملير (د ر) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر اڳوڻي وفاقي وزير علي زيدي ملير پريس ڪلب ۾ ميٽ دي پريس کي خطاب ڪندي چيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

پي ٽي آءِ ميمبرن جي استعيفائن وارو معاملو، راجا پرويز اشرف جواب ڏئي ڇڏيو

پي ٽي آءِ ميمبرن جا استعيفا گڏيل منظور نٿا ٿي سگهن، پي ٽي آءِ اڳواڻ شبلي فراز جي استعيفا جي تصديق کان اڳ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سان ملاقات ٿي

پي ٽي آءِ جي سمورن ايم اين ايز جا استعيفا گڏ منظور ڪيا ويندا (شبلي فراز)، آئين ۽ قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو: قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف

اسپيڪر استعيفائن جي معاملي جو شڪور شاد جي استعيفا جي تناظر ۾ به جائزو ورتو ويندو، شڪور شاد استعيفا منظوري جي خلاف عدالت ويو ۽ ان کي دياءُ جو نتيجو قرار ڏنو هو

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي قومي اسيمبلي ميمبرن جو سياسي جوڙجوڪ آهي ته پي ٽي آءِ ميمبرن جا استعيفا گڏيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26 اسپيڪر جي سامهون پيش ٿيڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته اسپيڪر قومي اسيمبلي راجا پرويز اشرف

ڀارت: 16 سالن جي ڇوڪري سان اٺ ماڻهن پاران اجتماعي زيادتي

ممبئي (م د) ڀارت ۾ 16 ورهين جي ڇوڪري سان اجتماعي زيادتي ڪندڙ اٺ جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو. ڀارتي ميڊيا موجب اهو واقعو رياست مهاراشٽرا ۾ پيش آيو. جتي هڪ ڇوڪري کي 8 ماڻهن مبينا طور تي اجتماعي زيادتي جو نشانو بڻايو. پوليس موجب ڇوڪريءَ پنهنجي بيان ۾ چيو ته. نوجوان ڇوڪرو ڪيس لاڄ ڏئي هڪ خالي بنگلي ۾ وٺي ويو. جتي سڄي رات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

راولپنڊي: پيپلز پارٽي سٽي طرفان بلاول ڀٽو جي اظهار يڪجهتي ۾ نڪتل ريلي جو ڏيک

نوشهري فيروز ضلعي ۾ لائيو اسٽاڪ کاتي جي يونين جي ضلعي باڊي جي چونڊ

صدر جي عهدي تي مير محمد سهتو سينئر نائب صدر منور علي ڪلهوڙو چونڊيا ويا

اسٽاڪ اسسٽنٽن ۽ لائيو اسٽاڪ انسپيڪٽرن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا

ڪورس پاس ڪندڙ نوجوانن کي روزگار ڏيارڻ جي ڀرپور نموني ڪوشش ڪئي ويندي: عملدار

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهري فيروز ضلعي ۾ لائيو اسٽاڪ کاتي جي يونين پيرا ويٽرنري ايسوسيئيشن (سپوا) شهنشاهه پينل جي ضلعي باڊي جي چونڊ ۾ صدر جي عهدي تي مير محمد سهتو سينئر نائب صدر منور علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: لائيو اسٽاڪ کاتي جي يونين جي چونڊ ۾ چونڊيل عهديدار گروپ فوٽو ڪڍرائيندي

ڪلوئي لڳ اهلڪارن مورن جون
7 جوڙيون مبينا هڪ لک رپيا
رشوت عيوض ڇڏي ڏنو

ٿرپارڪر (رپورٽ:صادق بجير) ڪلوئي لڳ ونگو چيڪ پوسٽ تي تي بيٺل اهلڪارن مورن جون ست جوڙيون پڪڙي مبينا هڪ لک رپيا رشوت عيوض ڇڏي ڏنو سجاڻ ڏرين ۾ گشتي جي لهر چائينل خبر موجب ونگو چيڪ پوسٽ تي اڄ ڪلهه جي نامعلوم ڪارجنهن کي ونگو چيڪ پوسٽ تي ڊيوٽي تي بيٺل اهلڪارن چيڪنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

بدين ۾ ٻارڙن کي اسڪول کڻي ويندڙ ٻارڙن جي گاڏي سان حادثو، هڪ فوت

ٽرڪول باءِ پاس تي سامهون کان ايندڙ موٽر سائيڪل سوار کي بچائيندي حادثو ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار 6 سالن جي ٻارڙي عليزا موقعي تي فوت ٿي ويئي

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ ٻارڙن کي اسڪول کڻي ويندڙ ٻارڙن جي گاڏي کي حادثو ... صبح سوير پي پي ضلع بدين جي جنرل سيڪريٽري حاجي ساکين بخش جمالي جي پٽ ... پوٽيون 8 سالن جي علينا 6 سالن جي عليزا ۽ 12 سالن جي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

اربارو ۾ الائنس شگر مل جي ڪيميڪل واري تلاءَ مان نوجوان جو لاش هٿ اچڻ وارو معاملو

پورهيت جنيد ملڪ جي لاش هٿ اچڻ واري واقعي خلاف سرحد ۾ سياسي سماجي ڌرين جو احتجاج

سماجي اڳواڻ جيئند احمد علي ملڪ، اڪبر ملڪ، رانا رياض، محمد علي ملڪ پاران ريلي ڪڍي وئي

جنيد شيخ جي لاش هٿ اچڻ واري واقعي کي الائنس شگر مل انتظاميا لڪائڻ چاهي ٿي: مظاهرين

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) اربارو ۾ الائنس شگر مل جي ڪيميڪل واري تلاءَ مان پورهيت جنيد ملڪ جي لاش هٿ اچڻ واري واقعي خلاف سرحد ۾ سياسي سماجي ڌرين جو احتجاج ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سرحد: اربارو: مبينا قتل ڪيل جنيد ملڪ واري واقعي خلاف اڳواڻ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪڏاپ پريس ڪلب سالياني
چونڊ تي ڪامياب ٿيلن کي
مبارڪون جاري

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهور) ڪڏاپ پريس ڪلب سالياني چونڊ تي ڪامياب صحافي برادري کي ٽر جي سياسي سماجي توڙي قوم پرست اڳواڻن صحافين ۽ وڪيلن اديبن پاران مبارڪباد جو سلسلو جاري آهي سالياني چونڊ تي ڪڏاپ پريس ڪلب جي نئين چونڊجي آيل صدر سعيد احمد چانڊيو ـ جنرل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

نئي شهر رهواسڻ نوجوان ناري 18 سالا اقصىٰ ڪولاچي پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو

ڪينجهر واسي نوجوان امتياز علي گندرو سان پيار جو پرڻو وس وارن کان تحفظ جو مطالبو

اٽون گهران نڪري امتياز علي گندري سان ٽنڊو محمد خان ڪورٽ ۾ شادي ڪئي آهي: ناري

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ:ميرحسن رند) نئي شهر رهواسڻ نوجوان ناري 18 سالا اقصىٰ ڪولاچي جو ڪينجهر واسي نوجوان امتياز علي گندرو سان پيار جو پرڻو وس وارن کان تحفظ جو مطالبو جڏهن ته نئي شهر جي نوجوان ناري اقصىٰ ولد برڪت علي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

گورنمينٽ هاءِ اسڪول بوزدار وڍا ۾ رنگا رنگي ايڪتا ڏهاڙيو ملهايو ويو

ڏهاڙي ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين ٽيبلوز ڪوئيز ڪاپيٽيشن تقريري مقابلا ڪيا

تقريرن ۾ پهرين پوزيشن شائستہ خاصخيلي ٻئين پوزيشن سلمان خان پٽي حاصل ڪئي

ايڪتا پروگرام ۾ امتياز فقير قومي گيت ڳائي استادن شاگردن ۽ شاگردياڻين جهومائي ڇڏيو

بوزدار وڍا (رپورٽ:حسين ٽانوري) گورنمينٽ هاءِ اسڪول بوزدار وڍا ۾ رنگا رنگي ايڪتا ڏهاڙيو ملهايو ويو جنهن جي شروعات ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي جنهن بعد اسڪول جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ٽيبلوز ڪوئيز ڪاپيٽيشن تقريري مقابلا ڪيا ۽ قومي گيتن تي رقص ڪري خوب داد حاصل ڪيو ايڪتا پروگرام ۾ پيش ڪيل تقريرن ۾ پهرين پوزيشن شائسته خاصخيلي ٻئين پوزيشن سلمان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

بوزدار وڍا: گورنمينٽ هاءِ اسڪول بوزدار وڍا ۾ منعقد ثقافتي تقريب جو ڏيک

ميگا ڪرپشن اسڪينڊل ۾ ٽن
ارب روپين جو ڏاڙو هڻندڙ مک
جوابدار گرفتار نہ ٿيا

نوشهروفيروز (ن ر) نوشهروفيروز ۾ موٽروي ايم سڪس ميگا ڪرپشن اسڪينڊل ۾ ٽن ارب روپين جو ڏاڙو هڻندڙ مک جوابدار اسپيشل بئنڪ ڪورٽ ڪراچي پاران گرفتاري جا وارنٽ جاري ٿيڻ باوجود اڃا تائين گرفتار ناهن ٿي سگهيا. ڪرپشن ڪيس جي 3 ادارا ايف آئي اي، نيب ۽ اينٽي ڪرپشن ڪاتر جاچ ڪري رهيا آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سجاول پ ٽ الف پاران آءِ بي اي ٽيسٽ پاس استادن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو

گرائونڊ تي آءِ بي اي پاران ورتل ٽيسٽ پاس استادن جي مان ۾ پروقار تقريب منعقد

جنرل سيڪريٽري بهادر ناز پليجو، ڪي بي ڀرڙائي، عبدالقادر ڪنير، بهادر ناز پليجو شريڪ

جن قومن استادن کي اهميت ڏني اهي قومون عظمتن جي آسمان تي پهچي ويون آهن: عملدار

سجاول (ن ر) سجاول پ ٽ الف پاران آءِ بي اي ٽيسٽ پاس استادن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن تعلقو سجاول ۽ سٽي سجاول پاران مين گرلس پرائمري اسڪول جي گرائونڊ تي آئي بي اي پاران ورتل ٽيسٽ پاس استادن جي مان ۾ پروقار تقريب منعقد ڪري ڪين آجياڻو ڏنو ويو پ ٽ الف ضلعي سجاول جي صدر محمد موسىٰ لغاري جي زير صدارت منعقد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ميهڙ پرسان پوليس جي ڪاروائي، واپارين کان ڦر ٿيل لکين روپين جو چوپايو مال هٿ

لوڊر رڪشا ۾ 23 ٻڪريون کڻي ويندڙ واپارين سردار چانڊيو ۽ پريل لاکير کان ڦر ڪئي وئي

ٽڪري رد عمل تي ڏوهاري گرفتاري کان بچڻ لاءِ ڦر ڪيل ٻڪريون ۽ لوڊر رڪشا ڦٽي ڪري فرار ٿي ويا

پوليس ڦر ٿيل 23 ٻڪريون ۽ لوڊر رڪشا تحويل ۾ وٺي مالڪن حوالي ڪري ڇڏيا، ڪاروائي جي ساراهه

دادو (ن ر) ميهڙ پرسان پوليس جي ڪاروائي، واپارين کان ڦر ٿيل لکين روپين جو چوپايو مال ۽ لوڊر رڪشا پوليس برآمد ڪري ورتو پنهنجي ريل پنهنجي ماڙي کان نصيرآباد لوڊر رڪشا ۾ 23 ٻڪريون کڻي ويندڙ واپارين سردار چانڊيو ۽ پريل لاکير وارن کان شاهه پنجو ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم ڦورو ٻڪريون ۽ لوڊر رڪشا ڦر ڪري فرار ٿيا. ايس ايس پي دادو جي ترجمان موجب اطلاع ملڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو مڙس جي مبينا تشدد
خلاف نجم ڪالوني رهواسي
عورت جو احتجاج

دادو (ن سنڌيار) دادو مڙس جي مبينا تشدد خلاف نجم ڪالوني رهواسي عورت روبينا احتجاج ڪري انصاف ٺيڻ جي صورت ۾ آپگهات ڪرڻ جو چتاءُ ڏنو آهي روبينا وگهيو الزام لڳايو آهي ته مڙس سرفراز سومرو ڪي روزي ڪرڻ لاءِ چيو ته هن گهڻا ڏٺي خون ڪرڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري تشدد ڪري گهر ڪڍيو آهي عورت دانهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو: شهري ڪامياب ڪاروائي ڪرڻ تي پوليس جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي رهيا آهن

نئون ديرو ۾ به مهانگائي جو جن بوتل مان ٻاهر نڪري آيو، اختياريون خاموش

روز روز جي مهانگائي ڪري غريب جي گهرن جون چلهيون وسامڻ لڳيون آهن

فروٽ سميت روز جي استعمال واريون شيون جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا

شهر ۾ ساوا مرچ 440 ٿوم ۽ ادرڪ 400 روپيا في ڪلو فروخت ٿي رهيا آهن: شهري

نئون ديرو (رپورٽ:شاد محمود پٺو) ملڪ جي ٻين شهرن سميت نئون ديرو ۾ به مهانگائي جو جن بوتل مان ٻاهر نڪري آيو، شهر اندر وڌندڙ مهانگائي سبب عام ماڻهو جو جئڻ جنجال ٿي ويو آهي، روز روز جي مهانگائي ڪري غريب جي گهرن جون چلهيون وسامڻ لڳيون روز جي ڏهاڙي ڪمائيندڙ مزدور ٻه ويلا ماني ڪائڻ کان مجبور ٿي ويا آهن. پيٽرول ۽ ڊيزل جون قيمتن جي گهٽتائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو جي وارڊ نمبر ڏهه جي رهواسين پاران انتظاميه جي نااهلي خلاف احتجاجي مظاهرو

دادو ميونسپل انتظاميہ جي نااهلي ۽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي

ميونسپل ڪاميٽي دادو ۾ هر مهيني چار ڪروڙ جي بجيٽ اچي ٿي پر صفائي نٿي ٿي: مظاهرين

دادو (ن سنڌيار) دادو شهر جي وارڊ نمبر ڏهه جي رهواسين رحيم ڏاوچ، ممتاز چنہ جاويد سومرو نعيم چارڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ دادو ميونسپل انتظاميہ جي نااهلي ۽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪندي رهواسين ميڊيا سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڳڏاپ ڪانڊڙ ۾ جماعت اسلامي الخدمت جي طرفان سنڌون ورهائڻ جي تقريب

سراج احمد بلوچ ۾ هلندڙ مدرسي تفهيم القرآن جي سالياني سنڌون ورهائڻ جي تقريب ٿي

تقريب ۾ قادر بخش ڪلمتي پاران الخدمت ويلفيئر کي مفت زمين ۽ مالي مدد جو اعلان ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهور) ڪراچي جي علائقي ڳڏاپ ڪانڊڙ ۾ جماعت اسلامي الخدمت جي طرفان ڪانڊڙ جي سراج احمد بلوچ ۾ هلندڙ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪراچي: جماعت اسلامي الخدمت طرفان ڪونايل سنڌون ورهائڻ جي تقريب جو ڏيک

بدين شهر جي مين عيدگاهه روڊ تي گٽرن جي بيٺل پاڻي مان جنازا کڻي تدفين

پيرعالي شاهه عيد گاهه جنهن ۾ روز جنازي نمازون پڙهيون وينديون آهن

جنازو عيد گاهه روڊ تي پهچڻ ته هر طرف گٽرن جو پاڻي بيٺل هجڻ خلاف احتجاج

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر جي مين عيد گاهه روڊ تي گٽرن جي بيٺل پاڻي مان جنازا ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مسيحي برادري جي اڳواڻن پاران دادو ضلعي جي ٻوڏ متاثرين جي سهائتا جاري

مسيحي برادري يوٿ ويلفيئر جي نيشنل ڪوآرڊينيٽر گل عمران خان پاران سامان تقسيم

دادو ضلعي جي 20 کان وڌيڪ متاثر ڳوٺ ياد وجي ڏنا آهن: نيشنل ڪوآرڊينيٽر گل عمران

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ملڪ کان ٻاهر ۽ ملڪ ۾ هلندڙ مسيحي برادري يوٿ ويلفيئر جي اڳواڻن پاران دادو ضلعي جي ٻوڏ متاثرين جي مدد لاءِ ... دادو ۽ آس پاس ... نيشنل ڪوآرڊينيٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

گورنمينٽ مدرسہ اينڊ هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز ۾ انعام ڏيڻ واري تقريب

انگلش ٽيسٽ ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن کي انعام ڏيڻ واري تقريب ٿي

مشتاق احمد ميمڻ ۽ رميز احمد چنو پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن کي انعام ڏنا

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) گورنمينٽ مدرسہ اينڊ هاءِ اسڪول نوشهرو فيروز جي ڪلاس ڇهين آءِ، انگلش ٽيسٽ ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز: گورنمينٽ مدرسہ ۽ هاءِ اسڪول فيروز ۾ هڪ شاگرد کي انعام ڏنو پيو وڃي

دادو جي فرسٽ سول جج پاران قبرستان تي ٿيل انڪروچمينٽ جو جائزو، عملدار شريڪ

لال هندي قبرستان ائين پر محمد مراد قبرستان تي ٿيل انڪروچمينٽ جو دورو ڪيو

سول جج انجنيئر پبلڪ هيلٿ دادو ۽ مختيارڪار دادو کي رپورٽ سميت طلب ڪري ورتو

دادو (ن سنڌيار) دادو جي فرسٽ سول جج ڪامران خان سنڌيلو سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ ڪورٽ حيدرآباد جي حڪم سان دادو شهر جي روڊ رستن جي صفائي انڪروچمينٽ ، لال هندي قبرستان ائين پر محمد مراد قبرستان تي ٿيل انڪروچمينٽ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ايس ايس پي نوشهرو فيروز عبدالقيوم پتافي جي هدايتن تي ڏوهارين خلاف ڪارروايون

ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار کي غير قانوني هٿيارن سميت گرفتار ڪيو

سٽي پوليس گشت دوران منشيات فروش کي مضر صحت گٽڪا سميت گرفتار ڪري ورتو

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ايس ايس پي نوشهرو فيروز عبدالقيوم پتافي جي خاص هدايتن تي ڏوهارين خلاف ڪارروايون جاري آهن. نوشهرو فيروز سٽي ٿاڻي جي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار کي غير قانوني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز: پوليس جي ڪارروائين ۾ گرفتار جوابدار تحويل ۾ نظر اچي رهيا آهن

شاهه لطيف شاعري ذريعي دنيا کي امن ، ڀائپي جو پيغام جو تحفو ڏنو: عبدالقادر شاهه

اولائي قديم آڳاٽي دور ۾ جديد شاعري جا عڪس دنيا کي ڏيئي اجرج ۾ آٽي ڇڏيو آهي

افسوس آهي اسان پنهنجي ملڪ جي اندر لطيف جي شاعري کي محدود بڻايو آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) شاهه لطيف شاعري ذريعي دنيا کي امن ، ڀائپي جو پيغام ڏيئي انسان دوستي جو فلسفو شاعري ۾ تحفو ڏنو آهي ، اهڙو اظهار ڊائريڪٽر ڪاليج سنڌ ڊاڪٽر عبدالقادر شاهه ٽنڊو محمد خان جي دارلعلوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

تعليم ۾ جيڪا طاقت ۽ طاقت ڪنهن هٿيار ۾ به ناهي: رحمت الله شيخ

شاگرد درس و تدريس کي صرف روزگار نہ پر روزگار جو وسيلو سمجهن ملڪ ۽ قومن لاءِ فائدا آڻيو

ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ رحمت الله شيخ بهترين ميونسپل سروسز تي تعريفي شيلڊ پيش ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ رحمت الله شيخ چيو آهي ته تعليم ۾ جيڪا طاقت ۽ طاقت ڪنهن هٿيار ۾ به ناهي، شاگرد درس و تدريس کي صرف روزگار نہ پر روزگار جو وسيلو سمجهن ملڪ ۽ قومن لاءِ فائدا آڻين اهڙن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڊاڪٽر ڪمال جامڙو سنڌي ٻولي جو وڏو خدمتگار هيو: منظور اڄڻ

راڻيپور جي لائبريري ۾ ڊاڪٽر ڪمال جامڙو جي نالي سان ڪارنر قائم ڪيو ويو

ڪيترائي ادبي ميڙاڪا ڪرايا ۽ سيمينار ڪرايا راڻي پور ۾ ادبي سنگت جو باني ميمبر رهيو

راڻيپور (رپورٽر) ڊاڪٽر ڪمال جامڙو سنڌي ٻولي جو وڏو خدمتگار هيو سنڌس 48 تاليف ڪتابن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ لاءِ سچل سرمست ڊگري ڪاليج راڻيپور جي لائبريري ۾ ڊاڪٽر ڪمال جامڙو جي نالي سان ڪارنر قائم ڪيو ويو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

راڻيپور: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو جي ادبي خدمتن تي منعقد تقريب ۾ اڳواڻ خطاب ڪندي

نوشهروفيروز کان هڪ ڪلو ميٽر جي فاصلي تي قائم ڳوٺ خان ڏاهري 4 مهينن کان ٻڏل

4 مهينا گذرڻ باوجود برسات جي پاڻي ۾ ٻڏل، ڳوٺاڻن جو ڳوٺ مان پاڻي نيڪال نہ ٿي سگهيو

قربان علي- گلاب- رستم- جاڙو خان- غلام شبير ڏاهري صحافين سان ڳالهائيندي احتجاج ڪيو

هن وقت به اسان جي ڳوٺ جي چئن پاسن کان برساتي پاڻي بيٺل آهي، نوٽيس ورتو وڃي: مظاهرين

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) نوشهروفيروز کان هڪ ڪلو ميٽر جي فاصلي تي قائم ڳوٺ خان ڏاهري 4 مهينا گذرڻ باوجود برسات جي پاڻي ۾ ٻڏل. ڳوٺاڻن جو ڳوٺ مان پاڻي نيڪال نہ ٿيڻ انتظاميہ پاران ڪا بہ امداد نہ ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٻانڌي جي ڳوٺ عبدالحميد
ڏاهري جي رهواسي نوجوان شادي
ڪري ڇڏي

نواب شاهه (رپورٽ اي ڪي ڏاهري) ٻانڌي جي ڳوٺ عبدالحميد ڏاهري جي رهواسي صاحب خان ابڙو مورو جي ڳوٺ درس جي رهواسڻ مسمات سميرا ابڙو سان پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو جنهن کان پريمي جوڙو بينظيرآباد پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان پاڻ ۾ رضا خوشي سان پيار جو پرڻو ڪري نڪاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز: ڳوٺن مان پاڻي نيڪال نہ ٿيڻ خلاف رهواسي احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

سرحد پرسان ناري مٽان مڙس ۽ ڏيرن جو تشدد، جان کان مارڻ جي ڪوشش، احتجاج

ناري سرحد ٿاڻي تي پهچي جان بچائي، علاج لاءِ اسپتال منتقل، جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا

مسمات ريحانہ ابڙو مٿان مڙس يار محمد نوناري، ڏيرن تاج محمد، خير محمد، نيڪ محمد تشدد ڪيو

سرحد (رپورٽ:غلام عباس مهر) سرحد پرسان ناري مسمات ريحانہ ابڙو مٿان مڙس يار محمد نوناري، ڏيرن تاج محمد، خير محمد، نيڪ محمد تشدد ڪري جان کان مارڻ جي ڪوشش، ناري سرحد ٿاڻي تي پهچي جان بچائي، علاج لاءِ اسپتال منتقل، پوليس جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ايس ايڇ او ڪي اين شاهه غلام عباس ڀرستي پريس ڪلب پهتو صحافين سان ملاقات

شهر ۾ تيل چورين ۽ صحافي شفيق الزمان لغاري جي گهر مان تيل چوري بابت آگاهي ڏني

انشاءالله ڪجهه ئي ڏينهن اندر چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏوهارين کي گرفتار ڪندس: عملدار

صحافي غريب عوام جو آواز بلند ڪن ٿا تہ مان بہ قلم ڌڻين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ساٿ نڀائيندس

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) ايس ايڇ او ڪي اين شاهه غلام عباس ڀرستي پريس ڪلب پهچي صحافين سان ملاقات ڪئي. شهر ۾ تيل چورين ۽ صحافي شفيق الزمان لغاري جي گهر مان تيل چوري بابت آگاهي ڏني ۽ چيو تہ انشاءالله ڪجهه ئي ڏينهن اندر چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي ڏوهارين کي گرفتار ڪندس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سوشل ويلفيئر ۽ اينٽي نارڪوٽيڪس
فورس ۾ ري ايبليٽيشن سينٽر قائم
ڪرڻ جو معاهدو

ڪراچي (باغي ساگر) سوشل ويلفيئر سنڌ ۽ اينٽي نارڪوٽيڪس فورس جي وچ ۾ ڊرگ ري ايبليٽيشن سينٽر قائم ڪرڻ جو معاهدو، سوشل ويلفيئر جي صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو ۽ اينٽي نارڪوٽيڪس فورس جي ڪمانڊر برگيڊيئر وقار رضوي، سيڪريٽري سوشل ويلفيئر سنڌ شيرين ناريجو معاهدي جي تقريب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

خيرپورناٿن شاهه: ايس ايڇ او ڪي اين شاهه غلام عباس ڀرستي پريس ڪلب پهتو، صحافين سان ملاقات

سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ پي ٽي آءِ پاران سوين جي تعداد ۾ ڪارڪنن پاران ريلي

عمران خان جي سڏ تي ٽائون صدر ذاڪر الله جي اڳواڻي ۾ يوسي 8 کان ريلي ڪڍي وئي

ڪراچي صدر بلال غفار صاحب ۽ جنرل سيڪريٽري سيف الرحمان ۽ ٻين پاران اڳواڻي ڪئي وئي

پي ٽي آءِ پنهنجي حڪومت ٺاهيندي ۽ بہ ياڳي تي اڪثريت سان ڀيهر ڪاميابي حاصل ڪندي: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) سهراب ڳوٺ ٽائون ۾ پي ٽي آءِ پاران سوين جي تعداد ۾ نئون وڏين ڳاڏين ۽ موٽرسائيڪلن جي ريلي تڪ جي اين اي 242 سهراب ڳوٺ ٽائون چيئرمين عمران خان جي سڏ تي ٽائون صدر ذاڪر الله جي اڳواڻي ۾ يوسي 8 چاڪر هوٽل کان يو سي 1 الآصف اسڪوائر تائين ريلي ڪڍي وئي، ڪراچي صدر بلال غفار صاحب ۽ جنرل سيڪريٽري سيف الرحمان ، سهراب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي ڪورنگي جي آرٽسٽڪ ملنيئر يونٽ 4 آڌو پورهيتن جو احتجاجي مظاهرو

زيادتين خلاف مختلف سياسي سماجي تنظيمن طرفان پارٽي جنڊا کڻي احتجاج ڪيو ويو

ايس يو پي مرڪزي اڳواڻ اعجاز ساميٽيو ايس يو پي ڊويزن صدر منير مگسي ۽ ٻين جي شرڪت

فيڪٽري انتظاميا اڃا بہ پنهنجي وايدي قايم تي رهي تہ پوءِ هڪ ڀيرو ڀيهر دمادم مست قلندر ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ڪورنگي جي آرٽسٽڪ ملنيئر يونٽ 4 آڌو ڪراچي ايڪشن ڪاميٽي طرفان پورهيت ورڪرن سان ٿيندڙ زيادتين خلاف مختلف سياسي سماجي تنظيمن طرفان پارٽي جنڊا کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽنڊوباگو پريس ڪلب جي
صدر نصر جروار جو چاچو
وفات ڪري ويو

ٽنڊوباگو (رپورٽر) ٽنڊوباگو پريس ڪلب جي صدر نصر جروار، روزاني سنڌيار ٽنڊوباگو جي رپورٽر رفاقت جروار جو چاچو ۽ ڊاڪٽر آيت الله جروار جو والد شفيع محمد جروار 70 سالن جي ڄمار ۾ دل جي دوري سبب رفات ڪري ويو مرحوم کي ڳوٺ محمد خان جروار جي اباڻي قبرستان ۾ دفنايو ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي: ڪراچي ايڪشن ڪميٽي طرفان مزدورن جي حقن لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

غوثپور جي ڪچي مان عورتاڻي آواز ۾ هرڪجي اغوا ٿيل 2 ڄڻا قيد مان فرار

عورتاڻي آواز ۾ هرڪجي اغوا ٿيل 2 گهوٽڪي واسي ڌاڙيلن جي قيد مان فرار ٿي ويا

مغوين کي ناپرڪوٽ پوليس ڌاڙيلن سان فائرنگ ڪري ڪچي مان بازياب ڪرائي ورتو

ڌاڙيلن پنهنجو گهيرو تنگ محسوس ڪندي ۽ مغوين جو پيڇو ڇڏي فرار ٿي ويا آهن: ذريعا

شڪارپور (رپورٽ:عبدالخالق سومرو) ٻہ مهينا اڳ اغوا ٿيل 2 ڄڻا مبينا مقابلي بعد بازياب. خبر موجب: شڪارپور پوليس پاران ٻن ڄڻن کي بازياب ڪرائڻ جي دعوي ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ شڪارپور پوليس موجب ايس ايس پي شڪارپور رٽائرڊ ڪيپٽن فيضان علي جي اڳواڻي ۾ شڪارپور پوليس پاران ڪارنامن جو تسلسل برقرار رکندي 2 مهينا اڳ عورتاڻي آواز تي هرڪجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

وارهه آبپاشي انتظاميہ جي نااهلي، پناشاخ کي ٻوڏ دوران ڏنل هٽرادو ڪٽ بند نہ ٿيا

ڳوٺ ۽ سوين ايڪڙن تي بيٺل سرءُ جو فصل ٻڏڻ جي انديشي خلاف ڳوٺاڻن طرفان احتجاج

حاجي مولابخش چنو، سائي رکيو چنو، عبدالحميد چنو، محمد خان چنو پاران احتجاج ڪيو ويو

اسان جا ٽي ماڻهون صدمي ۾ فوت ٿي ويا پر هن وقت تائين اسان وٽ ڪير بہ هلي نہ آيو: مظاهرين

وارهه (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) وارهه آبپاشي انتظاميہ جي نااهلي، پنا شاخ کي ٻوڏ دوران ڏنل هٽرادو ڪٽ بند ڪرڻ بنا شاخ ۾ سرءُ جو پاڻي ڇوڙ ڪري ڇڏيو، ڪيترائي ڳوٺ ۽ سوين ايڪڙن تي بيٺل سرءُ جو فصل ٻڏڻ جي انديشي خلاف ڳوٺاڻن طرفان احتجاج ڳوٺ حاجي غازي چنو جي رهواسين نيازل چنو حاجي مولابخش چنو، سائي رکيو چنو، عبدالحميد چنو، محمد خان چنو ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

رسول آباد واسي پينو فقير
پاران پريس ڪلب ڪوٽڙي
ڪبير ۾ پهچي احتجاج

ڪوٽڙي ڪبير (رپورٽر) رسول آباد واسي پينو فقير گدو منگي پريس ڪلب ڪوٽڙي ڪبير ۾ پهچي دانهيندي ٻڌايو تہ منهنجي هڪ پيٽ آهي ، جيڪا ٻنهي ٽنگن کان معذور پڻ آهي، ٻئي پاءِ پيٽ گهر ۾ رهندا آهيون. مان سڄو ڏينهن ٻاهر گداگري ڪري شام جو گهر موٽي ايندو آهيان. منهنجي غير موجودگي ۾ ڦادن ۽ بي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

وارهه: هٽرادو ڪٽ بند نہ ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ ڪنيي گم ڪيل سنڌ سيا اڳواڻ اصغر مهراڻي جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو

سيا اڳواڻ انعام سنڌي، شاهنواز پٽي، معذور اشفاق ملڪ، نور محمد سنڌي پاران ريلي

سول ڪپڙن ۾ اهلڪار اصغر مهراڻي کي ڪنيي ويا آهن جنهن کي آزاد ڪيو وڃي: مظاهرين

ايس ايس پي دادو احتجاج واري هنڌ پهچي سنڌ سيا اڳواڻ انعام سنڌي سان ڳالهيون ڪيون

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ ڪنيي گم ڪيل سنڌ سيا اڳواڻ اصغر مهراڻي جي آزادي لاءِ ڪارڪنن پاران اڄ 3 ڏينهن بہ احتجاج ڪيو آهي سنڌ سيا اڳواڻ انعام سنڌي، شاهنواز پٽي، معذور اشفاق ملڪ، نور محمد سنڌي ۽ ٻين احتجاج ڪندي دانهيو آهي تہ 3 ڏينهن اڳ سول ڪپڙن ۾ اهلڪار اصغر مهراڻي کي ڪنيي ويا آهن جنهن کي آزاد ڪيو وڃي. سنڌ سيا پاران ايس ايس پي آفيس دادو اڳيان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 20 ڊسمبر 2022ع

بدامني جي باهه ۾ خوف ۾ ورتل عوام

ڪنهن به علائقي،صوبي ۽ ملڪ جي ترقي ان جي امن امان سان ڳنڍيل هوندي آهي جتي امن نه هوندو اتي زندگي جو هر ڪار وهنوار ،ڪاروبار، واپار مفلوج ٿي ويندو ۽ اهو اڳتي وڌي نه سگهندو.اڳتي نه وڌڻ جو مطلب اهو باقي دنيا جي ترقي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي مقابلو ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نه هوندو.حڪومتن جو پهريون ڪم ۽ فرض عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ آهي جيڪڏهن ڪو به حڪمران پنهنجي انهي ڪم ۽ فرض کي پورو نه ٿو ڪري سگهي ته اهو سٺو حڪمران يا ڪامياب حڪمران جي زمري ۾ نه ٿو اچي سگهي. ڪجهه وقت اڳ تائين سنڌ امن امان جي حوالي سان بهتر پوزيشن ۾ هئي، ماضي جي ڀيٽ ۾ امن امان جي صورتحال بهتر هئي ۽ ماڻهو ڪنهن حد تائين بدامني جي باهه کان بچيل هئا. پر هاڻي لڳي ٿو اها باهه آهستي آهستي پڙڪي رهي آهي. سنڌ جا شهر هجن يا ٻهراڙيون اهي انهي باهه جي وڪڙ ۾ اچي رهيا آهن ڪو ڏينهن خالي ناهي جڏهن ڏوهي وارداتون،اغوا، قتل جون خبرون سامهون نه اينديون هجن ايئن ٿو لڳي جڻ انهي بدامني جي باهه کي ڀڙڪائڻ وارا هٿ سرگرم ٿي ويا آهن جيڪي ڪجهه وقت ٺاپر ۾ هئا. اهي ڏوهه ۽ وارداتون ڇڙواڳ نموني ٿيڻ بدران ڪنهن آرگنائيزڊ طريقي سان ٿينديون محسوس ٿي رهيا آهن.

شڪارپور پرسان ڦورن جو پيڇو ڪندڙ ٻن پاڳين کي هٿيارٻندن قتل ڪري ڇڏيو،پنو عاقل مان مبينا طور نوجوان اغوا ٿي ويا ،اوباوڙو مان اغوا ٿيل به پورهيت بازياب نه ٿيا. وارٿن ڊرٽو هنيو،ڪراچي ۾ نوجوان فائرنگ ۾ قتل.شهرين ڦورن کي ماري ڇڏيو،ڪراچي ۾ 50 لک رپين جي ڀنگ لاءِ يرغمال ڪيل عورت ٻار سميت بازياب.اهي ۽ انهن جهڙيون ٻيون ڪوڙ خبرون رڳو هڪ ڏينهن جي اخبار ۾ ساڳئي صفحي تي ڇپيل آهن جن کي پڙهي اندازو ڪري سگهجي ٿو ته سنڌ ۾ هن وقت بدامني جي صورتحال ڪتي پهتل آهي،هي ته اهي خبرون آهن جيڪي قتل يا اغوا جي واردات کي ظاهر ڪن ٿيون جڏهن ته اسٽريٽ ڪرائيم کان وٺي چوري چڪاري تائين جا ڏوهه الڳ آهن جن شهرين ۽ ڳوٺاڻن کي پنهنجي گهٽين رستن تي به عدم تحفظ جو شڪار ڪيو آهي، اها پڪ ٿي نه ٿي هجي ته جيڪا موٽرسائيڪل گهٽي ۾ بيهاري ڪم لاءِ وڃجي ٿو ته اها اتي محفوظ بيٺل هوندي يا ڪا ڪار جيڪڏهن پارڪنگ ۾ بيٺل آهي ته ان جي چوري ٿيڻ جو خطرو نه هوندو يا روڊ تي موبائيل ڪڍي ڳالهائيندڙ کي ڪي ڦورو اچي اها هٿيارن جي زور تي کسي نه ويندا. مطلب ڪو اهڙو ڏوهه ناهي جيڪو سنڌ جي هر شهر يا ڳوٺ ۾ نه ٿيندو هجي پر عوام کي انهن ڏوهن يا ڏوهارين کان بچائڻ جا جيڪي ذميوار آهن اهي وري عوام کي ٿي ڦرڻ ۽ تنگ ڪرڻ ۾ پورا آهن. اهي ڏوهارين جو پيڇو ڪرڻ بدران عوام جي کيسي تي لامارا ڏئي رهيا آهن.جنهن ڪري عوام ٻه طرفي عدم تحفظ جو شڪار آهي .هڪ طرف ڏوهاري سندن مال ملڪيت ڦري وڃن ٿا يا ڪين اغوا ڪن ٿا ته ٻئي طرف عوام پنهنجي تحفظ لاءِ قانون لاڳو ڪندڙن يا پوليس تي اعتبار ڪرڻ بدران راڄوٽي لاءِ مجبور آهن يا ماٺ کي ترجيح ڏئي ٿو.

اسان سمجهون ٿا ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال تسلي بخش ناهي جيڪا انتظامي ۽ قانوني غفلت کي ظاهر ڪري ٿي.انهي کان وڌيڪ خطرناڪ ڳالهه اها آهي ته عوام جو پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن تان ويساهه کڄي رهيو آهي. تنهن ڪري اهو امن امان قائم ڪرڻ جي ذميوار ادارن جو فرض آهي ته هو امن امان بحال ڪرڻ لاءِ ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ عوام جو اعتماد ۽ اعتبار بحال ڪرڻ لاءِ قدم کڻن. جيئن ڏوهن جي خاتمي ۾ مدد ملي سگهي ۽ عوام به سڪون جو ساهه کڻي.جيڪڏهن بدامني جي باهه وڌيڪ پڙڪي ته سنڌ وري ڪيترا سال پوئتي ڌڪجي ويندي.

برسات بعد سردي برداشت ڪرڻ ممڪن ناهي

سيد زوار حسين شاهه

مون سون برسات بعد سردي ۾ هاڻ اضافو ٿي رهيو آهي پر انتهائي خطرناڪ صورت حال آهي ،جڏهن ته سماج سڌارڪن بهترين ڪردار ادا ڪندي عام ماڻهن بارش متاثرين کي ڪنبل به ڏنا ته سوڙون به ڏنيون آهن .تنظيم آرائيان پاڪستان ، شهاب فائونڊيشن سنڌ ، هيومن رائيٽس واچ پاڪستان ۽ ٻين بهترين ڪردار ادا ڪيو هاڻ به ڪن پيا جڏهن ته پاڪستان سميت سنڌ ۾ تنظيم آرائيان پاڪستان جي سرپرست اعلي عبدالمجيد آرائين ٻج حڪم تي بارش متاثر جي تڪليفن کي محسوس ڪندي خاص سردي کي محسوس ڪندي ڪنبل ، سوڙيون ڏيئي ، بهترين ثواب جو ڪم ڪن پيا ، تنظيم آرائيان پاڪستان جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري نديم عباس آرائين ٻڌايو ته جڏهن کان بارش پئي آهي ، اسان ان ڏينهن کان هر ماڻهون جيڪو به مستحق آهي ان جي مالي مدد ڪرڻ سان گڏ گرم ڪپڙا ، سوڙيون ، ڪنبل جيڪٽس شرٽون پڻ ڏيون پيا جيئن هو مشڪل گهڙي مان نڪري وڃي جڏهن ته سياري سبب سيلاب متاثرن لاءِ سَوڙ (ڪمبل) جي ضرورت پوري ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته سنڌ جي وڏي وزير پي ڊي ايم کي هدايت ڪندي چيو ته سياري کي نظر ۾ رکندي ٻوڏ متاثرن کي گهربل سامان فراهم ڪيو وڃي. جنهن ڪانپوءِ سنڌ جو وڏو وزير ڪاري موري پهتو جتي برساتن سبب پل ٽٽڻ جو معائنو ڪيو. وڏي وزير چيو ته پل جي تعمير جو ڪم جلد شروع ڪيو ويندو. اتان ٿيندي سنڌ جي وڏي وزير چنداڻ ڍيم تي رهندڙ ٻوڏ متاثرن سان ملاقات ڪئي ۽ اتي موجود عورتن ۽ ٻزرگن کي درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو. جنهن تي وڏي وزير کين ٻڌايو ته سنڌس حڪومت کين گهر اڏڻ لاءِ پهرين قسط جنوري ۾ جاري ڪري رهي آهي. هڪ عورت پاران راشن ڏيڻ جي درخواست تي سنڌ جي وڏي وزير ڊپٽي ڪمشنر کي راشن پهچائي رپورٽ ڏيڻ جي هدايت ڪئي. اتان روانو ٿيندي وڏي وزير يو سي مياناداد چنري، يو سي حمل ۽ يو سي ميرپور جي پاڻي هيٺ آيل ڳوٺن جو فضائي دورو ڪيو ۽ پاڻي نالن مان پمپنگ سسٽم ذريعي نيڪاليءَ جو جائزو ورتو. سنڌ جي وڏي وزير حمل ڍنڍ جو هوائي جائزو ڪيو ۽ پنهنجي موبائل فون تان ضروري تصويرون پڻ ورتيون. فضائي جائزي ڪانپوءِ وڏو وزير سيوهڻ پهتو ۽ اتي صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي چيو ته وڏي وزير کي اسيمبلي ٽوڙڻ جو اختيار آهي پر ان تي ضرور سوچڻ گهرجي. ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ اسيمبليون ٽوڙي نٿيون سگهجن. جيڪڏهن ڪو وڏو وزير اسيمبلي ٽوڙڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ته ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته هو حڪومت سنڀالي نٿو سگهي، يا وٽس اڪثريت ناهي يا ڪنهن وٽ اڪثريت ناهي. پنهنجي ناڪامي جو اعتراف ڪندي ٿي ڪو اهڙو ڪم ڪري سگهجي ٿو. آئين ۾ اسيمبلي ٽوڙڻ جي ضرور گنجائش آهي پر ائين هرگز ناهي ته وڏو وزير اٿي ۽ اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي. عمران خان جي چوڻ تي اسيمبليون نه ٽوڙيون وينديون پر جيڪڏهن اهو ڪم ٿيو ته پوءِ انشاء الله اليڪشن وڙهنداسين ۽ ڪٽينداسين. بعد ۾ سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سان گڏ آبپاشي وزير جام خان شورو قمبر پهتا. سنڌ جي وڏي وزير پاڻي هيٺ زمينن جو دورو ڪيو ۽ مقامي هارين ۽ زميندارن سان ملاقات ڪري سندن مسئلا ٻڌا. ان موقعي تي آبپاشي واري صوبائي وزير جام خان شورو وڏي وزير کي ٻڌايو ته قمبر-شهدادڪوٽ جي مجموعي طور تي 1385197 ايڪڙ زمين پاڻي هيٺ هئي پر هاڻي رڳو 30509 ايڪڙ زمين پاڻي هيٺ رهي آهي. وڏي وزير زمينن مان پاڻي جي نيڪال جو عمل تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي. ان ڪانپوءِ وڏو وزير ايف پي بند جو دورو ڪرڻ لاءِ پهتو جتي صابو پرڙوڳوٺ تي ٻن هنڌن تان شگاف پوڻ سبب پاڻي پرچي ويو. سنڌ جي وڏي وزير ايف پي بند جي مرمتي ڪم جو جائزو ورتو ۽ ضروري هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي سردار خان چانڊيو ساٿس گڏ هو. سنڌ جي آبپاشي وزير جام خان شورو قمبر جو دورو ڪرڻ ڪانپوءِ راٽيپور پهتو ۽ سڀ کان پهرين ايم اين اي پير فضل علي شاهه جي گهر پهچي سندس امڙ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪئي. ان ڪانپوءِ سنڌ جو وڏو وزير اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جي گهر پهتو جتي سندس آجيان سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جي سوکڙين سان ڪئي وئي. ان موقعي تي وڏي وزير سان گڏ صوبائي وزير ناصر شاهه، جام خان شورو، ايم پي اي منور وساڻ، خاص مددگار پيرعلي شاهه پڻ موجود هئا. ڪجهه دير ويهڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪانپوءِ ٻئي وزيراعليٰ يوسي شاد شهيد ۽ ڳوٺ ڪانوڙ جي دوري لاءِ روانا ٿيا جتي برسات متاثرن سان ملاقات ڪئي ۽ سندن مسئلا معلوم ڪيا. متاثرن وڏي وزير کي مسئلا ٻڌايا جنهن تي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته جنهن به ماڻهو جو پاڻيو مال وڃايو آهي ان جي مدد ڪنداسين. مون کي چڱي ريت خبر آهي ته اوهان ڪيترا ڏکايل آهيو. وڏي وزير ٻوڏ متاثرن کي يقين ڏياريو ته جنوري کان گهرن جي تعمير لاءِ رقم ڏيڻ شروع ڪنداسين. وڏو وزير دائود ڦلپوٽو وٽ پهتو جتي سيوهڻ ويجهو روڊ حادثي ۾ فوت ٿيندڙ 21 ڄڻن جي وارثن سان تعزيت ڪئي. وڏي وزير وارثن کي چيو ته سيوهڻ حادثو انتهائي هانءُ ڏاريندڙ هو جنهن تي مونکي گهڻو افسوس آهي. تعزيت ڪانپوءِ سنڌ جي وڏي وزير ميڊيا کي سوالن جا جواب ڏيندي چيو ته سنڌ واحد صوبو آهي جنهن جي پنج هزار سالن جي تاريخ آهي. صوبي کي ٽوڙڻ وارا پاڻ تباهه ٿي ويندا ۽ سنڌ سلامت رهندي. هن چيو ته ٻوڏ مان نقصان کي منهن ڏيڻ لاءِ 16 ارب ڊالرن جي ضرورت آهي، هن سال 10 پيرا وڌيڪ برساتون ٿيون جنهن جي ڪا مثال نه آهي. وڏي وزير چيو ته گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل چيو ته هن اهڙي ٻوڏ ڪڏهن نه ڏٺي، ڪجهه ماڻهو جيڪي ڪٽ (شگاف) بابت غير ضروري ڳالهيون ڪن ٿا، اتي ڪٽ لڳائڻ ضروري هو ته جيئن وڏي آبادي کي بچائي سگهجي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اعظم سواتي کي اسان ڪنهن جهاز يا هيلي ڪاپٽر تي نه آندو آهي. هن چيو ته سيد قائم علي شاهه آئين جوڙيندڙن مان هڪ آهي، آئين ۾ اسيمبلي ٽوڙڻ جي گنجائش آهي، ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ اسيمبلي ٽوڙي نٿي سگهي، صوبن جي وڏن وزيرن کي سوچڻو پوندو ۽ ڪافي مسئلن کي ڏسڻو پوندو. راتي پور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ان ڳالهه ۾ ڪو به انڪار ناهي ته ملڪ معاشي مسئلن جو شڪار آهي، پاڪستان کي هن سنگين بحران مان ڪڍڻ لاءِ سمورين سياسي پارٽين کي گڏيل ڪوشش ڪرڻ گهرجن پر ڪجهه ٽولا اهڙا به آهن جيڪي ان صورتحال ۾ به تباهي بابت ڳالهايون ڪن ٿا. آئين وڏي وزير کي اختيار ڏئي ٿو ته هو اسيمبلي ٽوڙي سگهي ٿو پر ان جو جواز هجڻ گهرجي، اسيمبليون ڪنهن جي ضد ۽ خواهش جي ڪري ٽوڙيون نه وينديون آهن. جيڪڏهن وڏو وزير سمجهي ٿو ته صوبو بحراني صورتحال جي وَرِڙ چڙهيل آهي ۽ ڪنٽرول کان ٻاهر آهي ته پوءِ هو اسيمبلي کي ٽوڙي ٿو سگهي ٻي صورت ۾ جيڪڏهن هو ايوان ۾ اڪثريت وڃائي ويهي يا پاڻ کي ناڪام سمجهن ته پوءِ هو اسيمبلي ٽوڙي سگهن ٿا. اميد آهي ته پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جا وڏا وزير سوچي سمجهي فيصلو ڪندا. پنهنجي ناڪامي جو اعتراف نه ڪندا. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته عمران نيازي آئيني طريقي سان گهر پيڙو ٿيو، هو ايوان ۾ اڪثريت وڃائي چڪو هو. ان جو نه وفاق تي اثر پوندو ۽ نه ئي ڪنهن صوبي تي اثر پوندو. جيئن آئون هتي ويهي پنجاب يا خيبرپختونخواهه اسيمبلي ٽوڙي نٿو سگهان تيئن سنڌ اسيمبليءَ بابت به ڪو ٻاهريون نٿو ڳالهائي سگهي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اسان گريڊ هڪ کان چوڏين تائين انٽرويوز ورتا آهن ۽ ان حوالي سان هڪ ڪميٽي به جوڙي آهي ۽ ميرٽ جي بنياد تي چونڊ ڪئي ويندي پر اليڪشن ڪميشن موجب جيستائين چونڊون نه ٿينديون ان وقت تائين اسان کي ڪا به نوڪري ڏيڻ جو اختيار نه آهي ۽ نه ئي اسان کي ڪنهن به قسم جي ترقياتي ڪم ڪرڻ جي اجازت آهي. ايتري قدر جو اسان آفيسرن جي مقرري ۽ بدلي به نٿا ڪري سگهون. هن چيو ته گريڊ 5 کان 15 جي حوالي سان عدالت جي حڪم موجب ڀرتيان سندن ٽيسٽ ورتي ويندي. هن چيو ته مڪاني چونڊون جنوري ۾ ٿيڻ واريون آهن. هن چيو ته پاڪستان ۾ ٻوڏ سبب ٿيندڙ نقصان جو ڪاٿو 3 ارب ڊالر لڳايو ويو آهي جيڪا ٽريلين رپيا بڻجي ٿي. سنڌ جي بحاليءَ لاءِ اٽڪل 16 ارب ڊالرن جي ضرورت آهي. هن چيو ته اسان پنهنجي عوام کي اڪيلو نه ڇڏينداسين. کين بحالي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيا آهيون. اسان عالمي بئنڪ سان عوامي ڪمن جي بحالي، روڊن، آبپاشي نظام، اسڪولن ۽ صحت مرڪزن بابت ڳالهايو آهي ۽ اسان ضرور گهرن جي تعمير لاءِ ماڻهن کي رقم ڏينداسين. هن چيو ته ٽي لک رپيا في گهر قسطن ذريعي ڏنا ويندا. جڏهن ته سنڌ حڪومت ان جي نمائيندن مٿان ڪرپشن جا الزام عائد آهي ، حقيقت ڇا آهي انڪوائري ٿيندي ته خبر پوندي .

***

اُپي اوسِرَان اُس ۾، جهليو ڪَنُ ڪِنار،
گهاٽُو گهر نه آئيا، وِڙِي لڳِيَن وارَ،
هيس جنين هار، سي موڙي چڙهيا مڪڙا.

ورلڊ بينڪ جو قرض ٻوڏ متاثرن جي بحالي يا بار؟

ممتاز بطاري

اها هڪ غير رسمي ملاقات هئي پر سبب انتهائي اهم هو. ڪچهري ورلڊ بينڪ جي ان وفد سان هئي جيڪي سنڌ جي برساتي ٻوڏ هيٺ آيل علائقن جي دوري تي نڪتل هو جيئن ته ملاقات غير رسمي هئي ان ڪري سوال به کلي طرح ڪرڻ جي موڪل هئي ۽ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪرڻ جي به پوري آزادي هئي. شريڪ ٿيلن ٻوڏ جي نقصانن، وفاقي سرڪار ۽ صوبائي سرڪار جي ماڻهن ڏانهن روين بابت ڀرپور اظهار ڪيو پر منهنجي ذهن ۾ رڳو ورلڊ بينڪ جي ان قرض بابت به سوال گهمي رهيا هئا جيڪو ماڻهن جي گهرن ۽ انفرا اسٽرڪچر جي بحالي تي ملڻو هو. سو مون به نيٺ اهي ٻئي سوال اتي رکيا:

ورلڊ بينڪ جي ملندڙ قرض جي واپسي سنڌ جي ماڻهن کي ڪيئن ٿي ڪرڻي آهي؟

ڇا سنڌ سرڪار تي ڪا نظرداري ڪئي ويندي، جو عام طور اهڙيون اسڪيمون ڪرپشن توڙي بي ضابطگين جي ور چڙهي وينديون آهن؟

مون کي هڪ سوال جو جواب ته گول مول مليو ۽ روايتي جواب هو ته ها اسان جي نظرداري هوندي وغيره وغيره، پر ٻئي سوال جو جواب ڪجهه ترش انداز ۾ به هو ۽ مون محسوس ڪيو ته انهن کي اٿوڻندڙ به لڳو هو. ٻڌايو ويو ته ان قرض سان سنڌ جي ماڻهن تي بار نه پوندو ۽ نه ئي اهي ڀريندا پر ان قرض جي گارنٽي وفاق ڏئي رهيو آهي ۽ اهو سنڌ کي وفاق کان ملندڙ اين ايف سي ايوارڊ مان ايندڙ پيسن مان ڪٽيو ويندو ۽ ان تي وياج معمولي آهي. ان بعد ڳالهين جا موضوع مٽجي ويا.

ورلڊ بينڪ وارا سمجهن ٿا ته ان واپس ٿيندڙ قرض سان ٻوڏ متاثر علائقن جي ماڻهن تي ڪو به بار نه پوندو. ٺيڪ آهي سڌي طرح اها ڳالهه مڃي ورتي سون. پر ڇا سنڌ جي مالياتي ايوارڊ وارو حصو ماڻهن جو ناهي ڇا؟ ڇا سنڌ جي حصي مان قرض جي ڪٽوتي جو سنڌ جي ماڻهن لاءِ ٺهندڙ بجيٽ تي ڪو فرق نه پوندو؟ اهي سوال اهم آهن جن کي اسين قرض جهڙي مرض حاصل ڪرڻ ۾ وساري رهيا آهيون. بينڪ به پنهنجي پيسن جي سيڪيورٽي چاهي ٿي ۽ ان لاءِ ورلڊ بينڪ به سنڌ حڪومت کي برساتي ٻوڏ سبب ٿيل نقصانن جي بحاليءَ جي حوالي سان قرض ڏيڻ کان اڳ رٿا جوڙي آهي ۽ ان سلسلي ۾ انهن برساتي ٻوڏ سٽيل علائقن جو سرزمين تي وڃي جائزو ورتو آهي ۽ ان لاءِ هنن سورنهن ڊسمبر تي اهو جائزي واري ڪم جو پهريون مرحلو مڪمل ڪري ورتو آهي. ان لاءِ هنن مختلف ماهرن ۽ لاڳاپيل اختيارين سان ڳالهين وارو عمل توڙي سرزمين تي وڃي جائزي وارو ڪم جاري رکڻ جو به فيصلو ڪيو آهي. پهرين مرحلي ۾ ان ٽيم پاران دادو، قمبر شهداد ڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي مختلف علائقن ۾ وڃي ماڻهن جي ملڪيت ۽ سرڪاري جاين توڙي روڊن کي پهتل نقصانن جو جائزو ورتو انهن سان گڏ سنڌ جون گهڻ گهريون شخصيتون به هيون. هنن مقامي ماڻهن سان ملي انهن کان حال احوال ورتو. منڇر جي مهاڻن کان وٺي جوهي بند تي پهرو ڏيندڙن سان به ڳالهيون ڪيون. جڏهن ته مختلف حلقن سان لاڳاپيل ۽ سماج سڌارڪن سان ملاقاتون پڻ ڪيون. جن پاران ٽيم آڏو سهولتن جي اڻاٺ ۽ سرڪار جي بي ڌيانيءَ جون وڏي پيماني تي ڏانهون ڪري دل جا دفتر کولي رکيا ويا.

جيستائين مون کي ياد پئي ٿو ته 30 سيپٽمبر 2022ع تي سنڌ جو وڏو وزير هڪ وفد سان اسلام آباد ان مقصد لاءِ ويو هو جتي مراد علي شاهه اسلام آباد ۾ ورلڊ بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ۽ ان جي ٽيڪنيڪل ٽيم سان ملاقات ڪري سنڌ ۾ ٻوڏ سبب ماڻهن جي تباهه ٿيل گهرن ۽ سرڪاري جاين توڙي روڊن جي بحالي لاءِ قرض ڏيڻ جي حوالي سان ڳالهيون ڪيون هيون. اتي ئي جڏهن سنڌ حڪومت کان قرض جي واپسي جي حوالي سان سوال اٿاريو ويو هو ته سنڌ جي وڏي وزير پاران اهو واعدو ڪيو ويو هو ته سنڌ ۾ بيٺل پاڻي هڪ مهيني اندر ڪڍيو ويندو ۽ ان جو جوڳو بندوبست ڪري ورتو آهي ۽ قرض ملڻ شرط بحالي جو ڪم شروع ڪيو ويندو. اها ٻي ڳالهه آهي ته اهو ڪم حڪومت نه ڪونه ڪيو آهي پر پاڻي قدرتي طور ڪٽي ڪٽي سڪي ويو آهي ۽ ڪيترن هنڌن تي اڃان موجود آهي، خاص ڪري دادو، خيرپور، سانگهڙ، ميرپور خاص ۽ ٻدين ضلعن ۾. سنڌ حڪومت پاران ورلڊ بينڪ کان 110 بلين جي قرض جي گهر ڪئي وئي هئي. قرض جي واپسي جي حوالي سان ورلڊ بينڪ گارنٽي لاءِ وفاقي حڪومت جي راضپي سان مشروط ڪيو هو ۽ سنڌ حڪومت وزيراعظم سان ڳالهائڻ بعد ورلڊ بينڪ کي وفاق جي گارنٽي جي خاطري ڪرائي هئي. ان بعد آڪٽوبر ۾ ورلڊ بينڪ سنڌ جي درخواست تي عملي طور ڪم شروع ڪري ڏنو هو. انهي سلسلي ۾ ڊسمبر جي ٻئي هفتي دوران ورلڊ بينڪ جي هڪ جائزي ٽيم کي سنڌ جي متاثر علائقن ڏانهن موڪليو ويو ٻين علائقن مان چڪر هڻڻ بعد سکر ۽ خيرپور ضلعي ۾ پهچي جائزي واري ان پهرين مرحلي کي پورو ڪيو ۽ سندن چوڻ هو ته اهي اڃان به اهو عمل جاري رکندا. ٽيم کي ماڻهن پاران پاڻي جي نه نڪرڻ سميت ٻيون انيڪ شڪايتون ڪيون ويون. مختلف ماڻهن سان ملاقاتن دوران ورلڊ بينڪ جي جائزي واري ان وفد پاران ٻڌايو ويو ته 1.2 بلين ڊالر سنڌ کي تمام گهٽ مارڪ اپ سان قرض ڏنو ويندو ۽ ڪم جي حوالي سان ورلڊ بينڪ مانيٽرنگ به ڪندي رهندي. سنڌ ڏانهن نڪرڻ کان ڪجهه وقت اڳ ورلڊ بينڪ جي هڪ وفد سنڌ جي پاڻي ۽ سماجي ترقيءَ جي ماهرن سان اسلام آباد ۾ پڻ ڳالهيون ڪري سائن صلاح مشورا ڪيا هئا. هاڻ ڏسڻو اهو آهي ته ڇا واقعي انهيءَ قرض سان حقيقي ماڻهن جا اجها ٺهي سگهندا يا نه؟ يا ڪامورڪي ۽ سياسي ڪرپشن جي ور چڙهي ويندو.

بقايا 01 ***

باوجود سينٽي کي اين آر او ڏنو. منهنجي حڪومت ڪيرائڻ جو واحد ذميوار جنرل (ر) باجوا آهي ۽ موجودا سياسي ۽ معاشي بحران جو ذميوار به هو ئي آهي. پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ جي حوالي سان عمران خان جو چوڻ هو ته پرويز الاهي مونکي لکت ۾ اسيمبليون ٽوڙڻ جي صلاح ڏني هئي ۽ جمع تي اها ايڊوائس گورنر ڏانهن اماڻي ويندي جڏهن ته ق ليگ آزاد پارٽي آهي. نه ليگ سان ڳالهيون ڪري سگهي ٿي. پي ٽي آءِ چيئرمين چيو ته حڪمران "دوستاڻي" افغان حڪومت جي فوجن پاران پاڪ افغان سرحد تي حملن جو تدارڪ ڪرڻ ۾ به ناڪام ٿيا آهن. اسان جا جوان، پوليس اهلڪار ۽ مقامي ماڻهو روزاني بنياد تي پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪري رهيا آهن.

بقايا 02 ***

راڄپوت، انسپيڪٽر جنرل پوليس غلام نبي ميمڻ، وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. سنڌ جي وڏي وزير پي ايس پي جي 21 گريڊ جي نون ترقي ماڻيندڙ آفيسرن کي رينڪ لڳايا جن ۾ منير شيخ ۽ خادم رند شامل آهن. پي ايس پي آفيسرن ۾ 20 گريڊ ۾ ترقيون ماڻيندڙ عثمان غني صديقي، تنوير عالم اوڍو، طارق ڌاريجو ۽ عطا الله چانڊيو شامل آهن.

بقايا 03 ***

ٿي رهيو آهي. عمران خان رياست کي ڪرڪيٽ جو ميدان سمجهي ويٺا هئا. جتي هو هر طرح جي من ماني ڪري سگهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عمران نيازي ٻڌي وٺي! اتحادي حڪومت ۽ پاڪستان جي عوام توهان جي عدم استحڪام جي سازشن ناڪام بڻائيندي. هن چيو ته اطلاعات آهي ته پنجاب ۽ خيبرپختونخواه جون اسيمبليون ٽوڙڻ جي تاريخ جو اعلان جادو ٽوڻي ڪانپوءِ ڪيو ويو آهي. صوبائي وزير چيو ته عمران خان ۽ پي ٽي آئي ملڪ کي جادو نگري ۾ تبديل ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. عمران نيازي ملڪ ۽ قوم جي بقاءَ جا فيصلا جادو ٽوڻي ۽ فال ڪڍي ڪرڻ چاهي ٿو

بقايا 04 ***

پرنسپل سيڪريٽري ۽ چيف اليڪشن ڪمشنر کي به ڌر بڻايو ويو آهي. درخواستگذار موقف اختيار ڪيو آهي ته عمران خان جي چوڻ تي اسيمبلي ٽوڙڻ آئين ۽ قانون جي خلاف هوندو. عمران خان پنهنجي ذاتي فائدن جي ڪري پنجاب اسيمبلي کي ٽوڙڻ چاهي ٿو درخواست ۾ اپيل ڪئي وئي آهي ته پنجاب اسيمبلي کي ٽوڙڻ کان بچائڻ لاءِ لاهور هاءِ ڪورٽ حڪم جاري ڪري.

بقايا 05 ***

تي مشاورت کان علاوه پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان طرفان صوبائي اسيمبلي 23 ڊسمبر تي ٽوڙڻ جي حوالي سان(ن) ليگ جي حڪمت عملي تي غور ڪيو ويو. ذريعن موجب (ن) ليگ جي اعليٰ قيادت پنجاب اسيمبلي ميمبرن کي فوري طور تي لاهور پهچڻ جو حڪم ڏيندي چيو آهي ته پنجاب اسيمبلي ميمبر ايندڙ هفتي لاهور ۾ رهائش ڪندا ان سلسلي ۾ کين هر وقت پارٽي قيادت سان رابطن ۾ رهڻ جي هدايت به ڪئي وئي آهي. پارٽي ذريعن موجب ليگي قيادت اپوزيشن اتحاد ۾ شامل پارٽين ۽ آزاد ميمبرن کي به لاهور پهچڻ جي درخواست ڪئي آهي. امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته پنجاب جي گورنر طرفان وڏي وزير کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو چئي سگهجي ٿو ان کان علاوه پنجاب جي وڏي وزير خلاف بي اعتمادي رٿ به جمع ڪرائي سگهجي ٿي. ذريعن موجب بي اعتمادي رٿ تي اعتماد جو ووٽ وٺڻ لاءِ ٻنهي آپشنن کي نظر ۾ رکندي پنجاب اسيمبلي جي ليگي ميمبرن کي ٻئي حڪم ملڻ تائين لاهور ۾ ئي رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ٻئي پاسي ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته جيڪڏهن اليڪشن ڪميشن چونڊن جو اعلان ڪري ته اسان به تيار آهيون. اميد آهي ته چونڊن ۾ ڪاميابي

حاصل ڪنداسين. پرويز الاهي واضح چيو ته جيڪڏهن جنرل (ر) باجوه جي ڳالهه ڪئي وئي ته جواب ڏينداسين. خانگي ٽي وي موجب هن چيو ته چونڊن جي تاريخ جو فيصلو اليڪشن ڪميشن کي ڪرڻو آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر پنهنجو آئيني ڪردار ادا ڪندو. حڪومت مردم شماري لاءِ فنڊ جاري ڪري ڇڏيا آهن. ايندڙ چونڊون مردم شماري مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ٿي ٿينديون ۽ جيڪڏهن اسيمبليون ٽوڙي ويون ته 90 ڏينهن اندر چونڊون ٿي سگهن ٿيون. ناڻي واري وزير چيو ته پيٽروليم شين ۽ ڊالر جي قيمت ۾ واضح گهٽتائي ٿي آهي. ۾ 40 مهينن جي معاشي تباهي کي 5 کان 6 مهينن ۾ به ٺيڪ نٿو ڪري سگهجي. قائداعظم محمد علي جناح جي سالگرهه جي موقعي تي صدارتي هائوس جو دورو ڪيو صدر عارف علوي سان ملاقات ٿيندي آهي ته ڳالهيون ٿينديون رهنديون آهن. ٻئي طرف منصوبابندي واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته پنجاب جي اليڪشن ۾ هر حلقي ۾ پي ٽي آءِ جون ضمانتون ضبط ٿينديون. عام چونڊون وقت تي ٿينديون. عمران خان مهانگائي جي جن کي بوتل مان ڪڍي ڇڏيو آهي. عمران خان به مهانگائي جي جن کي بوتل مان ڪڍي ڇڏيو آهي. اسيمبليون ٽوڙي سياسي عدم استحڪام آڻڻ چاهي ٿو. تلا گيٽ ۾ ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي هن چيو ته اڄ ق ليگ چوڌري پرويز الاهي ۽ عمران خان کان پڇان ٿو ته هنن عثمان بوزدار کي پي ٽي آءِ جي حڪومت ۾ 4 سال مسلط ڪيو مون کي هڪ پراجيڪٽ ٻڌايو جنهن جو بنياد پي ٽي آءِ رکيو هو. اهي منصوبا جيڪي هلي رهيا آهن انهن جو بنياد حمزه شهباز بجيٽ ۾ رکيو هو. عمران نيازي ٻڌاير ته جڏهن پنجاب ۾ حڪومت هئي ته ترقياتي منصوبا شروع ڇو نه ڪيا ويا؟ ترقي جو نالو شهباز شريف آهي ۽ ترقي جو نالو ن ليگ آهي. پي ٽي آءِ جو نالو ترشه خانو آهي ۽ گهڙي چوري آهي. عمران خان جي منهن تي ايمانداري جو ميڪ اپ هو. پر هن ايماندار انسان کي ڏسو، اتي ڪا به شيءِ تحفي وانگر ناهي. وڪرو نه ڪيو وڃي.

بقايا 06 ***

بدلي ڪري اسپيشل جج سينٽرل مقرر ڪري ڇڏيو اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي سفارش تي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ناصر جاويد رانا احتساب عدالت اسلام آباد جو نئون جج مقرر ٿي ويو ناصر جاويد رانا جي ٽن سالن لاءِ مقرري جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو آهي

بڌڻي هلائي رهيو هو قانون واري وزارت اعظم خان کي

بقايا 07 ***

احسان فراموش ۽ محسن ڪش قرار ڏئي دراصل پي ڊي ايم کي اشارو ڏنو آهي ته هو سندن پاسي ٿيڻ لاءِ تيار آهي پر مونس الاهي وري وڃي بني گالا پهتو آهي جنهن ڪري معاملو وري منجهي ويو آهي جڏهن ته چوڌري سالڪ جو چوڻ آهي ته پرويز الاهي غلطيءَ جو اعتراف ڪري ته پي ڊي ايم ۾ سندس واپسي ممڪن آهي. صحافي عمران شفقت جو چوڻ آهي ته نواز شريف اهو شرط رکيو آهي ته چوڌري شجاعت جيڪڏهن پرويز الاهي جي ضمانت ڏئي ته ان کي قبول ڪري سگهجي ٿو ان سلسلي ۾ اڳوڻو صدر آصف زرداري لاهور پهچي چڪو آهي ۽ وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات ڪري چڪو آهي. جنهن ڪانپوءِ چوڌري شجاعت سان به سندس ملاقات ٿي آهي. جڏهن ته وزيراعظم شهباز شريف به چوڌري شجاعت سان ملاقات ڪري کيس نواز شريف جو پيغام پهچايو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته (ق) ليگ جا 6 ايم پي ايز چوڌري شجاعت سان مسلسل رابطي ۾ آهن. جن جي مدد سان پرويز الاهي خلاف بي اعتمادي رٿ ڪامياب ڪرڻ تي غور ٿي رهيو آهي. وڏ وزارت لاءِ (ن) ليگ جي احمد ملڪ ۽ پ پ پ جي حسن مرتضيٰ جا نالا گردش ۾ آهن. صحافي امداد سومري جو اهو به چوڻ آهي ته پرويز الاهي چاڪان ته لاهور کان ٻاهر هليو ويو آهي ۽ اڳ ئي اسلام آباد جي اهم شخصيت ذريعي آصف زرداري کي پيغام اماڻي مدد گهري چڪو آهي. ان ڪري پرويز الاهي پٽ اڳيان بيوس نه ٿيو ته پي ڊي ايم قيادت سان معاملاطئه ڪري سگهي ٿو ان جا اڄان به امڪان موجود آهن. نامياري صحافي معظم فخر موجب عمران خان ڪالهه به صحافين سان ڳالهائيندي حڪومت ختم ٿيڻ جي ذميواري جنرل (ر) باجوه تي مڙهيندي چيو آهي ته اقتدار ۾ اچي هو جنرل (ر) قمر جاويد باجوه خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪندو هوڏانهن پي ٽي آءِ جي سوشل ميڊيا پرويز الاهي ۽ مونس الاهي خلاف باهه ٻاري ڇڏي آهي. جڏهن ته ماڊل ٽائون ۾ (ن) ليگ جي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي ته اڄ پنجاب اسيمبلي جي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر خلاف بي اعتمادي رٿ پيش ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. پرويز الاهي خلاف اڄ بي اعتمادي رٿ نه آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي.

بقايا 08 ***

ٽن ڪٽڪ امپورٽ جي ضرورت هئي پر 13 کان 15 لک ٽن ڪٽڪ امپورٽ ڪئي وئي آهي. عبدالرئوف وڌيڪ چيو ته ڪٽڪ جي هول سيل قيمت 15 ڏينهن اڳ 84 رپيه هئي جيڪا هاڻ 99 روپين تي پهچي چڪي آهي. چيئرمين هول سيل گروسرز ايسوسيئيشن امڪان ظاهر ڪيو آهي ته حڪومت هن وقت به جيڪڏهن قدم نه کنيا ته ڪٽڪ جي هول سيل في ڪلو قيمت 140 روپين تائين پهچي ويندي. ياد رهي ته گذريل ڏينهن ڪراچي ۾ اٽي جي في ڪلو قيمت ۾ 20 روپين جي واڌ ڪئي وئي هئي جنهن کان پوءِ اٽي جي في ڪلو قيمت 140 روپين تائين پهچي وئي آهي

بقايا 09 ***

۾ موجود گردشي قرض تي ضابطو آڻڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي واضح ڪرڻ جي حوالي سان غور ويچار ڪيو ويو. وزيراعظم شهباز شريف هدايت ڏني ته توانائي واري شعبي ۾ موجود گردشي قرضن کي گهٽايو وڃي. ن ليگ جي حڪومت بهتر پاليسي ذريعي 2013 کان 2018 تائين پنهنجي حڪومتي دور ۾ گردشي قرضن کي مڪمل ختم ڪرڻ جو عملي ثبوت ڏئي چڪي آهي. وزيراعظم ان عزم جو اظهار ڪيو ته لاڳيتو محنت ۽ اثرائتي حڪمت عملي سان هاڻ به ان مسئلي تي ڀيهر ضابطو آڻي وٺنداسين. توانائي واري شعبي ۾ سڌارن وارو عمل اهڙي نموني مڪمل ڪيو ويندو جو گردشي قرض هوريان هوريان گهٽجي ٿيٽ ختم ٿي ويندا. هن چيو ته سوئي سدرن گئس جي درج ڪندڙ ڪمپنين بلن جي اوڳاڙي واري نظام کي فوري طور بهتر ڪن. بجلي ۽ گئس واپرائيندڙن تي ڪو واڌو بار نه وڌو ويندو. وزيراعظم بجلي ۽ گئس جي بلن جي وصولي واري نظام کي به وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي هدايت جاري ڪري ڇڏي آهي. اجلاس ۾ توانائي بچت پلان جو به جائزو ورتو ويو اهو پلان سياڻي وفاقي ڪابينا اجلاس ۾ پيش ڪيو ويندو جنهن ۾ شرڪت لاءِ صوبن جي وڏن وزيرن کي پڻ دعوت ڏني وئي آهي. وزيراعظم وڌيڪ چيو ته توانائي واري شعبي جي محصولات ۾ واڌ کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورا امڪاني قدم کنيا ويندا. ان مقصد لاءِ ترسيل واري نظام کي بهتر بڻايو ويندو ته جيئن بجلي ۽ گئس جي چوري ۽ زيان کي روڪي سگهجي.

بقايا 10 ***

رهيا آهن وڏي وزير مراد علي شاهه کي ٿرڪول انرجي بورڊ جي اجلاس دوران ٿر جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ ڏني وئي توانائي واري وزير امتياز شيخ بورڊ کي پاور پلانٽس بابت بريفنگ ڏني. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته 330 ميگاواٽ جي ٻن پاور پلانٽس مان 2019 کان نيشنل گرڊ کي بجلي ڏني پئي وڃي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته 330 ميگاواٽ جي ٽِل نوا پاور پلانٽ مان ايندڙ سال کان بجليءَ جي فراهمي شروع ٿي ويندي وفاقي وزير شازيه مري، وزيراعظم جي اسپيشل اسسٽنٽ طارق باجوا، وفاقي سيڪريٽري ۽ ٻين وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 11 ***

اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ صبح ڪاروبار جي مثبت شروعات ٿي، جيڪا بعد ۾ منفي رجحان ۾ تبديل ٿيڻ بعد 41187 تي اچي وئي.

بقايا 12 ***

ڪهاڻي سامهون اچي وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته چوڌري شجاعت حسين جو پٽ چوڌري سالڪ چوڌري پرويز الاهي کي وڏو وزير رکڻ جي حق ۾ ناهي.اجلاس ۾ سعد رفيق، احسن اقبال، رانا ثناء الله، سالڪ حسين ۽ طارق بشير چيما شرڪت ڪئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن وزيراعظم صلاح مشوري ڪانپوءِ هدايتون ڏنيون ته پنجاب جي وڏي وزير خلاف بي اعتمادي جي رٿ پيش ڪئي ويندي.

بقايا 13 ***

۽ ڊپارٽمينٽل معاملن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.ذريعن موجب ملاقات دوران عون چوڌري وزيراعظم شهباز شريف کي جهانگير ترين جو خاص پيغام پهچايو ٻئي طرف وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ مسلم ليگ ن جو اجلاس ٿيو اجلاس ۾ پنجاب اسيمبلي جي ٽوڙڻ کان بچائڻ لاءِ سمورن آپشن تي به غور ڪيو ويو.ذريعن موجب اجلاس ۾ مسلم ليگ ن جي سينيئر اڳواڻن به شرڪت ڪئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ملاقات ۾ ملڪي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا 14 ***

روڪي سگهي. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سي ٽي ڊي خيبرپختونخوا مسئلن جو ڳُو ٻڌجي ويو آهي. ماڻهن ۽ وسيلا موجود نه آهن. قومي ادارن سي ٽي ڊي خيبرپختونخوا جي نئين سر تنظيم ڪاري ۽ وسيلن جي فراهمي توڙي سکيا لاءِ قدم کڻڻ جي سفارش ڪندي چيو ته ڪي پي ۾ دهشتگردي جي وڌندڙ واقعن جي روڪٿام ممڪن ناهي. رپورٽ موجب خيبرپختونخوا ۾ پي ايس پي رينڪ جي سينيئر آفيسرن جي سخت کوٽ آهي، ايس ايس پي پوسٽ جو رڳو هڪ آفيسر ڊي آءِ جي طور ڪم ڪري رهيو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ سي ٽي ڊي پنجاب وٽ 15 کان 18 ايس ايس پي رينڪ جا آفيسر به ڊي آءِ جي آهن. هڪ سال دوران پنجاب ۾ دهشتگردي جا ٽي واقعا ٿيا جڏهن ته خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي جا ٽي سئو واقعا ٿيا ۽ وڏو جاني نقصان ٿيو. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته خيبرپختونخوا ۽ عمران خان جي وزارت اعظميٰ دوران ڪيتي دفعا قومي ادارن خبردار ڪيو هو پر هر خاطري باوجود ان سلسلي ۾ ڪو به عملدرآمد نه ڪيو ويو. سي ٽي ڊي وٽ "ريوارڊ فنڊ" ۾ 27 ڪروڙ 60 لک رپين جي رقم موجود آهي جڏهن ته سي ٽي ڊي ڪي پي وٽ اوائي ڪروڙ رپيا آهن ۽ سي ٽي ڊي شهيدا پئڪيج پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ 150 سيڪڙو جو فرق آهي. قومي ادارن جو چوڻ آهي ته ڪي پي ۾ سي ٽي ڊي کي ڪي به مراعتون حاصل ناهن. خيبرپختونخوا ۾ شهيدا پئڪيج لاءِ به مناسب رقم موجود ناهي، سي ٽي ڊي پنجاب ۽ سي ٽي ڊي خيبرپختونخوا جي پگهارن ۾ ستر سيڪڙو جو فرق آهي. سي ٽي ڊي ڪي پي جي اهلڪارن جي رهائش جو به ڪو بندوبست ناهي.

بقايا 15 ***

الاهي کي گورنر ذريعي اعتماد جو ووٽ وٺڻ لاءِ چوڻ سميت مختلف آپشنز تي مشاورت ڪئي وئي شهباز شريف اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ چوڌري شجاعت سان ٿيل ملاقاتن بابت پارٽي اڳواڻن کي آگاهه ڪيو ذريعن موجب سياحت واري وزير عون چوڌري وزيراعظم سان ملاقات ڪري کيس جهانگير ترين جو اهم پيغام پهچايو وزيراعظم لاهور ۾ پارٽي اڳواڻن سان گڏجاڻي بعد اسلام آباد روانو ٿي ويو. نون ليگ جي سمورن ايم پي ايز کي لاهور ۾ موجود رهڻ جي هدايت ڪئي وئي

بقايا 16 ***

هيٺ روڻ پرسان ڪليل آسمان هيٺ ويٺل آهن. متاثرن جي امداد جي نالي ۾ اربين روپين جي ڪرپشن ڪئي پئي وڃي. سامان وڪرو ٿي رهيا آهن. من پسند ماڻهن کي نوازيو پيو وڃي. اياز لطيف اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ سندين لاءِ صوبو نه پر ڌرتي ماءُ آهي. ماءُ جي قتل بابت ڪا به برداشت ناهي. پيپلز پارٽي جا حڪمران ٻڌي ڇڏين ته اقتدار اچڻو وڃڻو آهي. اقتدار لاءِ غداري ڪندا ته تاريخ ۾ دفن ٿي ويندا. سنڌي ماڻهو ڌرتي وانگر آهن. اهي ڏٺا آهن ڏٺا آهن. اهي گرم ٿين ٿا ته ڏٺا ڏٺا تيئن جيئن نتو نظام هلڻ ڏئي. جيئن ڪالا باغ ڊيم نهڻ ڏنو. سنڌي ماڻهن آمريت کي ٽوڙا چپايا آهن. چار دهشتگردن سان گڏجي سچي قوم سان وڙهڻ ملڪ دشمني آهي. پيپلز پارٽي اقتدار ۽ ڪرپشن لاءِ ملڪ دشمني نه ڪري. اياز لطيف پليجي چيو ته ڪراچي ۾ لکين غير قانوني پرڏيهي ملڪ جي سالميت، امن لاءِ خطرو آهن. غير قانوني افغانين کي فوري طور واپس ڪيو وڃي.

بقايا 17 ***

جڏهن ته هٿياربند جوابدار هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ يرغمالين کي آزاد ڪرڻ لاءِ تيار ناهن.واضح رهي ته گذريل ڏينهن بنون ۾ دهشتگردي جي خاتمي واري کاتي جي عمارت ۾ موجود دهشتگردن جاچ آفيسرن کي يرغمال بڻائي کين محفوظ افغانستان منتقل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هو.جڏهن ته رات دير تائين جهڙپ جاري هئي، جنهن جي نتيجي ۾ 2 سيڪيورٽي اهلڪار زخمي ٿي پيا هئا. شدت پسند خيبرپختونخواهه پوليس جي ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ پاران هلندڙ حراستي مرڪز جو لاڪ اپ ٽوڙي ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن کي يرغمال بڻائي ورتو سومر تي ۾ بنون ۾ صورتحال ڇڪتاڻ برقرار رهي، پوليس ۽ سيڪيورٽي ادارن بنون ڪينٽ جو گهيرو ڪيو پابندي مڙهيل تنظيم تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) واقعي جي ذميواري قبولي ورتي، هڪ بيان ۾ ٽي ٽي پي ترجمان چيو ته ان جي اهلڪارن سي ٽي ڊي اهلڪارن ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن کي يرغمال بڻائي ورتو آهي.شدت پسند گروپ جي ترجمان وڌيڪ چيو ته اسان جي ماڻهن پنهنجي وڊيو بيان ۾ محفوظ گذرڻ جو مطالبو ڪيو پر غلطي سان افغانستان جو ذڪر ڪيس هن وڌيڪ چيو ته آسان سڄي رات حڪومتي اختيارين سان ڳالهيون ڪيون ۽ کين قيدين کي ڏکڻ يا اتر وزيرستان منتقل ڪرڻ لاءِ چيو پر افسوس جو هن وقت تائين ڪو به مثبت جواب نه ڏنو ويو آهي. خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير جي سڌ سماءُ بابت خاص مددگار بئريسٽر محمد علي سيف پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته حڪومت ۽ شدت پسندن وچ ۾ هلندڙ ڳالهين ۾ ڪا به اڳڀرائي نه ٿي آهي ۽ سي ٽي ڊي سينٽر بنون ۾ هٿيارٻندن هٿيارڦٽا ڪري يرغمال بڻائي ورتو آهي. ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي. ڊان نيوز ٽي وي سان ڳالهه ٻولهه ڪندي بئريسٽر محمد علي سيف چيو ته صورتحال اڄ به جيئن جو تيئن آهي ۽ ان حوالي سان ڪا به اڳڀرائي نه ٿي آهي. هن چيو ته هو طالبان جي اعليٰ قيادت سان مسلسل رابطي ۾ آهن. هن چيو ته طالبان جي اعليٰ قيادت سان رات جو منهنجي ڳالهه ٻولهه ٿي پر هينئر تائين اها ڳالهه ٻولهه ناڪام ۽ فائديمند نه رهي آهي. بئريسٽر محمد علي سيف بنون ۾ سي ٽي ڊي جي حد ۾ شدت پسندن پاران سيڪيورٽي اهلڪارن جي مارجڻ جي تصديق ڪندي چيو ته حڪومت جاني نقصان کان بچڻ لاءِ ڪين سنجيدگي سان مصروف رکيو آهي بنون ضلعي ۾ صورتحال سخت ڇڪتاڻ سبب پوليس ۽ سيڪيورٽي ادارن ڪينٽ واري علائقي کي سيل ڪري ڇڏيو آهي ۽ شهرين کي گهرن اندر رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه 15 ڪلاڪ گذرڻ باوجود علائقي ۾ انٽرنيٽ ۽ موبائيل سروس پڻ معطل آهي. بنون ۾ ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ جي عمارت تي قبضو ڪيل دهشتگردن عمارت تي قبضو ڪري جاچ آفيسرن کي يرغمال بڻائي انهن کي محفوظ افغانستان منتقل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز واقعي واري هنڌ پهچي ويا آهن ۽ يرغمالين کي بازياب ڪرائڻ لاءِ آپريشن جاري آهي ان کان اڳ ذريعن جو چوڻ هو ته شدت پسندن سان ڳالهيون جاري آهن جڏهن ته آپريشن لاءِ پاڪ فوج ۽ پوليس جا ڪمانڊوز مقرر آهن بنون جي هڪ رهواسي ٻڌايو ته ڪنٽونمينٽ واري علائقي ۾ فائرنگ ۽ ڌماڪن جا آواز ٻڌا ويا. سوشل ميڊيا تي ڪيترن ئي صارفين متضاد رپورٽون شيئر ڪيون جنهن ۾ دعويٰ ڪئي وئي ته دهشتگردن سي ٽي ڊي عمارت تي ٻاهران حملو ڪيو جڏهن ته بئريسٽر سيف انهن سڀني خبرن کي رد ڪندي چيو ته حراست ۾ ورتل ڪجهه دهشتگردن سيڪيورٽي اهلڪارن کان هٿيار کسڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هڪ وڊيو ڪلپ پڻ وائرل ٿي وئي جنهن ۾ هڪ شدت پسند مبينا طور تي هڪ سيڪيورٽي اهلڪار تي بندوق جو اشارو ڪيو ۽ کيس پڪڙيو مبينا شدت پسندن افغانستان کي محفوظ رستو ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ۽ خبردار ڪيو ته جيڪڏهن مطالبو نه مڃيو ويو ته سخت نتيجا ڀوڳڻا پوندا.هن چيو ته سندس 35 ساٿي، جن کي فدائين جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. جن کي حراست ۾ ورتو ويو هو. آزاد ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن ۽ حڪومت پاڪستان کان مطالبو ڪيو آهي ته انهن جي هوائي جهاز ذريعي افغانستان روانگي کي يقيني بڻايو وڃي.هن چيو ته اسان جيل کي توڙي ڇڏيو آهي ۽ سيڪيورٽي اهلڪار اسان جي تحويل ۾ آهن ۽ جيڪڏهن اسان کي محفوظ رستو فراهم ڪيو ويو ته انهن کي باحفاظت آزاد ڪيو ويندو.

بقايا 18 ***

۽ ان ۾ ڪا به ناڪاري ڳالهه نه هئي جڏهن ته اڄ منهنجي ڪنهن به اڳواڻ سان ملاقات ناهي ٿي، سياسي رابطا ۽ ملاقاتون ايندڙ ٽن کان چئن ڏينهن تائين جاري رهنديون. مستقبل جو سياسي پلان گڏجي طئي ڪيو ويندو.چوڌري شجاعت چيو ته پنجاب ۾ سٺو ٿيڻ وارو آهي، پ پ، ن ليگ عدم اعتماد ۽ عدم اعتماد جي ووٽ سميت ٻنهي آپشنز تي غور ڪري رهي آهي، وٽن ٻيا آپشن هوندا. ٻنهي پارٽين مون کي رڳو ٻه آپشن ٻڌايو (ق) ن ليگ جي صدر چيو ته جن وٽ بي اعتمادي جا ايترا ووٽ ناهن اهي پنهنجو انگ پورو ڪندا. جن وٽ ڪافي ووٽ آهن اهي بچي ويندا. مان سمجهان ٿو ته ايندڙ ڏينهن ۾ حالتون بهتر ٿي وينديون. هن وڌيڪ چيو ته پرويز الاهي جيڪڏهن فيصلو ڪري ته ڪيس چار پنج مهينا لڳي سگهن ٿا. پرويز الاهي لاءِ مسئلو خلاجو ته پر سياسي پارٽين جو مسئلو آهي. چوڌري شجاعت چيو ته مون کي عام چونڊون جلد ٿيندي نظر نه ٿيون اچن، ڪجهه ماڻهو اسيمبليون ٽوڙڻ ۽ ٻين کي بچائڻ جو عزم ڪري رهيا آهن. جڏهن ته عمران خان عقلمند ماڻهو آهي، کيس ڪنهن جي صلاح جي ضرورت ناهي.

بقايا 19 ***

بحالي جا 2 سينٽر هلايا ويندا. جڏهن ته سنڌ حڪومت فنڊ ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪندي. ان حوالي سان چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راڄپوت چيو ته منشيات جي عادي ماڻهن جي بحالي لاءِ سينٽر پوري سنڌ ۾ قائم ڪيا ويندا ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت هي ادارا هلايا ويندا. اها ڳالهه هن اڄ منشيات جي عادي ماڻهن جي بحالي لاءِ سينٽر ناهڻ جي سلسلي ۾ اهم اجلاس جي صدارت ڪندي ڪئي. اجلاس ۾ ڪمشنر ڪراچي محمد اقبال ميمڻ، آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ، ايجوڪيشن اسڪول جي سيڪريٽري غلام اڪبر لغاري، سماجي ڀلائي کاتي جي سيڪريٽري شيرين مصطفيٰ، ڊي جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ اسد ضامن سميت ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته صوبي ۾ منشيات جي عادي ماڻهن جي بحالي جا سينٽر ناهيا ويندا جن کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت هلايو ويندو. چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راڄپوت چيو آهي ته سنڌ حڪومت فنڊز، عمارت ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪندي جڏهن ته پرائيويٽ ادارا مينيجمينٽ سنڀاليندي. ڊاڪٽر محمد سهيل راڄپوت وڌيڪ چيو ته نجي منشيات جي عادي ماڻهن جي بحالي جي ادارن کي سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ذريعي ريگيوليٽ ڪيو ويندو ته جيئن هي خانگي ادارا پابند هجن ته هو عالمي سطح تي جو علاج ۽ فني تربيت فراهم ڪن. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راڄپوت ڊائريڪٽر جنرل پرائيويٽ پارٽنرشپ اسد ضامن کي هدايت ڪئي ڪندي چيو ته هو پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي حوالي سان تمام ضروري پراسيس کي مڪمل ڪن ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي اينڊ پاليسي بورڊ جي اجلاس مان منظوري وٺن. چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راڄپوت وڌيڪ چيو ته ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي منشيات جي بابت مهم هلائي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته اي اين ايف سان گڏ 2 بحالي سينٽر شروع ڪري رهيا آهيون. جلد اي اين ايف ۽ سنڌ حڪومت پاران صوبي جي ٻين شهرن ۾ به هي سينٽرز شروع ڪيا ويندا. اجلاس ۾ آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ چيو ته پوليس صوبي ۾ ٻين ادارن سان گڏ منشيات وڪرو ڪندڙن جي خلاف ڪارروائي ڪري رهي آهي. صوبي جي سمورن ايس ايس پيز کي منشيات وڪرو ڪندڙن جي خلاف ڪارروائي جو ٽاسڪ ڏنو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته هڪ ضلعي جي ايس ايس پي کي منشيات وڪرو ڪندڙن جي خلاف ڪارروائي تي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو آهي. جڏهن ته هڪ سينيئر آفيسر جي خلاف ڊپارٽمينٽل ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 20 ***

جي ذريعن موجب آءِ ايم ايف سان ڊيزل تي في ليٽر 50 رپيا ليوي لاڳو ڪرڻ جو معاهدو ٿي ويو آهي، جنهن تحت ايندڙ 2 ۾ پيٽروليم ليوي ڊيزل تي 20 رپيا في ليٽر وڌائي ويندي مهينن ۾ ٽيڪس ريونيو جو ٽارگيٽ وڌائي ليوي ۾ اضافو ڪيو ويندو. جيڪڏهن وصول نه ڪيو ويو ته سيلز ٽيڪس لڳايو ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته آءِ ايم ايف ٽيڪس ريونيو ۾ واڌ جو مطالبو ڪري رهيو آهي. جنهن سبب في ليٽر ڊيزل ۾ مڪمل رليف بدران گهٽ رليف ڏنو ويندو. ذريعن موجب آءِ ايم ايف به ٽيڪس ٽو جي ڊي پي جي تناسب ۾ واڌ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 21 ***

صدر عارف علويءَ ناڻي واري وزير اسحاق ڊار کي پيغام ڏنو واضح رهي ته قائد ۽ ٻارجي عنوان سان هر سال تقريب ٿيندي آهي.

بقايا 22 ***

4 زخمي ٿي پيا. ڌماڪي ۾ زخمي ٿيڻ وارن کي علاج لاءِ ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. رپورٽ موجب فوتين جو تعلق نورڪ مرسي خيل سان آهي. جنهن جي سڃاڻپ سيد الله ۽ غني ڪيئي جي نالي سان ٿي آهي. واقعي ڪانپوءِ پوليس ۽ ٻين فورسز علائقي ۾ تلاشي شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 23 ***

ڪينٽي گرائونڊ ويجهو شريح نورجهان پوليس ڪارروائي ڪندي شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس اهلڪارن جوابدارن کي پڪڙايو ۽ کين سڃاڻپ لاءِ روڪڻ جو چيو ته هنن فائرنگ ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ 18 ورهين جو حنظله مراد زخمي ٿي پيا، جڏهن ته سندن ٻيا ساٿي بلال ۽ عرفان فرار ٿي ويا. حسنين ۽ حنظله وٽان هڪ نائن ايم ايم پسٽول، هڪ 30 بور پسٽول، بارود، نقدي، موبائل فون ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي، جيڪي اڳ به اسٽريٽ ڪرائم جي درجنين وارداتن ۾ ملوث هئا. پوليس جوابدار کي طبي امداد لاءِ عباسي شهيد اسپتال پهچايو پوليس ترجمان جو چوڻ آهي ته سندس زخمن مان صحتياب ٿيڻ ڪانپوءِ جاچ شروع ڪئي ويندي. هوڏانهن شاهه فيصل ڪالوني پوليس جي موبائيل پوليس اسڪواڊ شاهه فيصل ڪالوني نمبر 5 ۾ مبينا مقابلي بعد ٻن جوابدارن سجاد علي ۽ اسد ساجد کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. زخمي جوابدارن کي طبي امداد لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو. هٿياربندن وٽان موبائل فون، نقدي ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي. گرفتار جوابدار اڳ به اسٽريٽ ڪرائم ۽ ٻين سنگين ڏوهن ۾ ملوث هئا. پاڪستان بازار پوليس اورنگي ٽائون جي علائقي گلشن ضياءَ ۾ مبينا مقابلي بعد ٻن جوابدارن آصف شير محمد ۽ وحيد رضا خان کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. زخمي جوابدارن کي طبي امداد لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا 24 ***

وٺڻ جو مطالبو، تفصيل موجب پاڪستان جو وزير اعظم ميان شهباز شريف ڪجهه ڏينهن اڳ سکر پهتو هو تقريب ۾ مسلم ليگ ن سکر ضلعي جي عهديدارن کي به مدعو ڪيو ويو هو.جنهن لاءِ سکر جي ضلعي صدر ۽ ٻين اعليٰ عهديدارن ۽ ڪارڪنن کي پاسز جاري ڪيا ويا هئا. پر ضلعي عهديدارن تقريب ۾ شرڪت نه ڪئي. جنهن جي حوالي سان سينيئر اڳواڻن پاران سخت ڪاوڙ جو اظهار. سکر جي سينيئر ۽ نظرياتي ڪارڪن ضلعي جي عهديدارن سان ناراضگي انتهائي حد تائين وڌي وئي آهي. اهلڪار پنهنجي من پسند ماڻهن کي پاس جاري ڪري اسان کي نظر انداز ڪيو ويو. جيڪر انسوسناڪ عمل آهي. جنهن جي جيتري به مذمت ڪئي وڃي ٿي. سائين ناراض ڪارڪنن مرڪزي ۽ صوبائي اعليٰ قيادت کي اپيل ڪئي آهي ته سکر جي ضلعي عهديدارن پاران مسلم ليگ ن جي اڳواڻن کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته اهڙي عمل جو نوٽيس ورتو وڃي.

بقايا 25 ***

شيرين مصطفيٰ سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ۽ ليفٽيننٽ ڪرنل انور حسين معاهدي تي صحيحون ڪيون. ايگريمينٽ جي مطابق اي اين ايف جي تحت منگهوپير ۽ مليرم منشيات بحالي جا 2 سينٽر هلايا ويندا. جڏهن ته سنڌ حڪومت فنڊ ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪندي. ان حوالي سان چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راڄپوت چيو ته منشيات جي عادي ماڻهن جي بحالي لاءِ سينٽر پوري سنڌ ۾ قائم ڪيا ويندا ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت هي ادارا هلايا ويندا. اها ڳالهه هن اڄ منشيات جي عادي ماڻهن جي بحالي لاءِ سينٽر ناهڻ جي سلسلي ۾ اهم اجلاس جي صدارت ڪندي ڪئي. اجلاس ۾ ڪمشنر ڪراچي محمد اقبال ميمڻ، آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ، ايجوڪيشن اسڪول جي سيڪريٽري غلام اڪبر لغاري، سماجي ڀلائي کاتي جي سيڪريٽري شيرين مصطفيٰ، ڊي جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ اسد ضامن سميت ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته صوبي ۾ منشيات جي عادي ماڻهن جي بحالي جا سينٽر ناهيا ويندا جن کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت هلايو ويندو. چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راڄپوت چيو آهي ته سنڌ حڪومت فنڊز، عمارت ۽ ٻيون سهولتون فراهم ڪندي جڏهن ته پرائيويٽ ادارا مينيجمينٽ سنڀاليندي. ڊاڪٽر محمد سهيل راڄپوت وڌيڪ چيو ته نجي منشيات جي عادي ماڻهن جي بحالي جي ادارن کي سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن جي ذريعي ريگيوليٽ ڪيو ويندو ته جيئن هي خانگي ادارا پابند هجن ته هو عالمي سطح تي جو علاج ۽ فني تربيت فراهم ڪن. اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راڄپوت ڊائريڪٽر جنرل پرائيويٽ پارٽنرشپ اسد ضامن کي هدايت ڪئي ڪندي چيو ته هو پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي حوالي سان تمام ضروري پراسيس کي مڪمل ڪن ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي اينڊ پاليسي بورڊ جي اجلاس مان منظوري وٺن. چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راڄپوت وڌيڪ چيو ته ميڊيا ۽ سوشل ميڊيا تي منشيات جي بابت مهم هلائي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته اي اين ايف سان گڏ 2 بحالي سينٽر شروع ڪري رهيا آهيون. جلد اي اين ايف ۽ سنڌ حڪومت پاران صوبي جي ٻين شهرن ۾ به هي سينٽرز شروع ڪيا ويندا. اجلاس ۾ آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ چيو ته پوليس صوبي ۾ ٻين ادارن سان گڏ منشيات وڪرو ڪندڙن جي خلاف ڪارروائي ڪري رهي آهي. صوبي جي سمورن ايس ايس پيز کي منشيات وڪرو ڪندڙن جي خلاف ڪارروائي جو ٽاسڪ ڏنو ويو آهي. هن وڌيڪ چيو ته هڪ ضلعي جي ايس ايس پي کي منشيات وڪرو ڪندڙن جي خلاف ڪارروائي تي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو آهي. جڏهن ته هڪ سينيئر آفيسر جي خلاف ڊپارٽمينٽل ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 26 ***

منظور نٿا ٿي سگهن. پي ٽي آءِ اڳواڻ شبلي فراز جي استعيفا جي تصديق کان اڳ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سان ملاقات ٿي. شبلي فراز پي ٽي آءِ جي استعيفائن بابت پارٽي جي فيصلي کان اسپيڪر کي آگاهه ڪري ڇڏيو. ميڊيا رپورٽس موجب شبلي فراز چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي سمورن ايم اين ايز جا استعيفا گڏ منظور ڪيا ويندا. جواب ۾ قومي اسيمبلي جي اسپيڪر چيو ته آئين ۽ قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو. رپورٽ موجب اسپيڪر استعيفائن جي معاملي جو شڪور شاد جي استعيفا جي تناظر ۾ به جائزو ورتو ويندو. شڪور شاد استعيفا منظوري جي خلاف عدالت ويو ۽ ان کي دٻاءَ جو نتيجو قرار ڏنو هو خابرو ميڊيا اداري موجب قومي اسيمبلي جي اسپيڪر جواب ڏنو ته پي ٽي آءِ ميمبرن جا استعيفا گڏ منظور نه ٿي سگهندا. پي ٽي آءِ جا مختلف ميمبر استعيفا منظور نه ڪرڻ جي درخواست ڪري چڪا آهن. ميڊيا رپورٽس موجب اسپيڪر موقف ڏنو ته قانون ۾ بي خوف ٿي ڪنهن دٻاءَ ڪانسواءِ استعيفا ڏيڻ جو ذڪر آهي. رپورٽ موجب ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿي هٿن سان لکيل استعيفا ڪانپوءِ اسپيڪر جو مطمئن ٿيڻ ضروري آهي.

بقايا 27 ***

علائقي ۾ ڪرڪ جي ٽڪر ۾ فوتين ۾ ٽنگوائي سان تعلق رکندڙ ڪنڊيڪٽر غلام شبير جعفري ۽ لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ 2 مسافر به شامل آهن فوتين جا مڙهه شاهوالي اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن. زخمين کي ڪشمور اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب هڪ ڪوچ ڊيرا اسماعيل خان کان سکر ۽ ٻي ڪوچ ڪراچي کان ڊي جي خان وڃي رهي هئي ته حادثو پيش آيو

بقايا 28 ***

بيراهه دانيا شاهه ضمانت جي درخواست داخل ڪري ڇڏي. دانيا شاهه طرفان پنهنجي گرفتاري خلاف ضمانت جي درخواست جوڊيشل مئجسٽريٽ اوڀر جي عدالت ۾ داخل ڪئي وئي. دانيا شاهه جي وڪيل جو چوڻ آهي ته ايف آءِ اي کي دانيه جي موبائيل ڪا به وڊيو هٿ ناهي آئي ۽ ايف آءِ اي پنا جاچ جي دانيا کي گرفتار ڪيو آهي. تنهن ڪري سندس ضمانت جي درخواست منظور ڪئي وڃي. عدالت دانيا شاهه جي درخواست تي سرڪاري وڪيل، جاچ آفيسر ۽ ڪيس جي فرياد کي 20 ڊسمبر لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا آهن. واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ايف آءِ اي دانيا شاهه کي عامر لياقت جي اگهاڙي وڊيو وائرل ڪرڻ جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو هو.

بقايا 29 ***

عامر غفار لون، طارق حسن ۽ فراز لاڪائي کي مختلف کاتا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي ذريعن موجب جاويد ناياب لغاري کي به سنڌ ڪابينا ۾ کاتو ملڻ جا امڪان آهي سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه خاص معاونن کي کاتا ڏيڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

بقايا 30 ***

ته پرويز الاهي اسان جو اتحادي آهي.پرويز الاهي پنهنجو موقف ڏنو آهي جنهن سان ڪنهن کي اتفاق ٿئي يا نه ٿئي پاڪستان تحريڪ انصاف جو موقف چيئرمين عمران خان ڏئي چڪو آهي. پرويز الاهي پاڻ چيو هو ته عمران خان جڏهن چوندو اسيمبليون ٽوڙي ڇڏينداس اهو هن لکي ڏنو آهي اگر هاڻ اسيمبلي نه ٿو ٽوڙي ته ان وقت وڌيڪ ڳالهائينداسين. علي زيدي وقت وڌيڪ چيو ته عمران خان جي وزيراعظم هوندي ڪيترائي ڀيرا جنرل باجواهه صاحب جي تعريف ڪئي هئي آخر ۾ جيڪي غلطيون ٿيون عمران خان ان جي نشاندهي ڪري رهيو آهي. هارس ٽريڊنگ ذريعي تحريڪ عدم اعتماد ته آندي پر هاڻي اليڪشن ڪرائڻ. گذريل 8 مهينن ۾ ملڪ ۾ مسئلا وڌي ويا آهن ته گئس آهي نه بجلي حڪومت جو ڪو ڪنٽرول نه رهيو آهي، ملڪ ۾ تماشو لڳو پيو آهي. ان جا ذميدار موجوده حڪمران آهن. ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام آهي ته معاشي استحڪام ڪيئن ايندو معاشي عدم استحڪام سڌو سنئون قومي سلامتي تي اثر ڪندو. علي زيدي چيو ته نواز شريف ملڪ مان ڀڄي لنڊن وڃي ويهي رهيو آهي، نواز شريف جي به شهباز شريف سان اٿيٺ آهي ن ليگ ڏڙا بندي جو شڪار آهي. زرداري سان ڪو به ذاتي جهيڙو ناهي، پي ٽي آءِ پنهنجي غلطي تسليم ڪري ٿي ته سنڌ ۾ گهڻو وقت ڌيان نه هو پيپلز پارٽي 15 سالن کان سنڌ ۾ حڪومت ڪري رهي آهي پر سنڌ جي ڪا به ترقي نه ٿئي آهي هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته اها ڳالهه بلڪل ٺيڪ آهي ته عمران خان اسٽيل مل کي بحال ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو جڏهن اسان حڪومت ۾ آياسين ته مسئلا گهڻا هئا اسٽيل مل تي اوائي سو ارب کان وڌيڪ قرض هو مشرف دور ۾ به اسٽيل مل هلي رهي هئي بعد ۾ اسٽيل مل ۾ ايتري ڪرپشن ٿي جو ادارو تباهه ٿي ويو. اسان وٽ اسٽيل مل جي نحڪاري جو پلان هو سيڙپڪار اسٽيل مل جي زمين ۾ دلچسپي رکن پيا پر ايئن نه ٿي سگهيو. علي زيدي چيو ته مليرمان عمران خان کي سنڌ پوليس جي مدد سان ڏانڌلي ڪري هارايو ويو. علي زيدي چيو ته اسان جي دور ۾ بلاول پٽو مهنگائي مارچ شروع ڪيو مهنگائي مارچ اسلام آباد پهتو اسان ان کي نه روڪيو سين انهن جو مطالبو هو ته نيون چونڊون ڪرايون وڃن. علي زيدي چيو ته بلاول پٽو زرداري گذريل 8 مهينن دوران رڳو ٻاهرين ملڪن جا دورا ڪيا پر سنڌ جو هڪ به دورو نه ڪيو اڄڪلهه پي ڊي ايم جو گروپ اليڪشن جي خلاف ڳالهه ڪري رهيو آهي وقت کان پهريان چونڊون ڪرائڻ ڪا نئين ڳالهه ناهي، دنيا ۾ وقت کان اڳ چونڊون ٿينديون رهنديون آهن. ان موقعي تي پي ٽي آءِ اڳواڻ آغا ارسلان خان، ايم پي اي ارسلان تاج، جمال ناصر، جانشير جوڻيجو، نثار شر، ڊاڪٽر مسرور سيال، حاجي حفيظ جرڪيو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 31 ***

سان زيادتي ڪئي وئي. پوليس جو چوڻ آهي ته ڇوڪري ڇنچر تي شڪايت داخل ڪئي جنهن ۾ هن چيو ته 16 ڊسمبر جي رات 8 وڳي کان 11 وڳي جي وچ ۾ ساڻس زيادتي ڪئي وئي. پوليس موجب نينگري جي فرياد تي سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي.

لڪيل استعيفا ڪانپوءِ اسپيڪر جو مطمئن ٿيڻ ضروري آهي.

بقايا | سنڌيار | 01

ڪلهوڙ ۽ جنرل سيڪريٽري مخدوم علي اڪبر کي چونڊيو ويو. اسٽاڪ اسسٽنن ۽ لائيو اسٽاڪ انسپيڪٽرن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ سان گڏ اسٽاڪ اسسٽنٽ جو ڪورس پاس ڪندڙ نوجوانن کي روزگار ڏيارڻ جي ڀرپور نموني ڪوشش ڪئي ويندي : مرڪزي سنڌ جي صدارتي اميدوار عبدالغفار سومرو جون ميڊيا سان ڳالهيون ،سپوا جي مرڪزي عهديدارن تقريب پريا سٽي پريس ڪلب جي پنڊال ۾ پهچڻ تي گلن جي ورکا سان شاندار استقبال ڪيو ويو . خبر موجب پريس ڪلب پريا سٽي ۾ ضلعي نوشهري فيروز لائيو اسٽاڪ جي يونين سنڌ پيرا وٽرنري ايسو سيئيشن (سپوا) جي شهنشاه جي پينل جي عهديدران ۾ ضلعي نوشهري فيروز جي لاءِ صدر مير محمد سهتو ، سينئر نائب صدر منور علي ڪلهوڙو. نائب صدر نثار احمد سومرو جنرل سيڪريٽري پير مخدوم علي اڪبر علي ، جوائنٽ سيڪريٽري شاهد علي پنهور ، خزانچي جاويد احمد وسطڙو ، آفيس سيڪريٽري محمد موسيٰ هنگورو ، پريس سيڪريٽري ڪرم الله پنهور ، ايڊ وائيز اسد علي جتوئي کي متفق راءِ سان چونڊيو ويو ان موقعي آيل ميمبرن ۽ مرڪزي اڳواڻن (سپوا) جي چونڊيل صدر مير محمد سهتو ۽ جنرل سيڪريٽري پير مخدوم علي اڪبر علي سميت سمورن عهديدارن کي مبارڪون ڏنيون ويون ۽ کين گلن جا هار پارايا ويا ۽ سنڌن مٿا گلن جي ورکا پڻ ڪئي وئي ،ان موقعي تي چونڊجي آيل ضلعي نوشهروفيروز صدر مير محمد سهتو پنهنجي خطاب ڪيو ته پنهنجي اسٽاڪ اسسٽنن . لائيو اسٽاڪ اسسٽنن ۽ لائيو اسٽاڪ انسپيڪٽرن سميت لوئر اسٽاپ جي مسئلن جي حل ڪرڻ جي لاءِ ڀرپور ڪندا.(سپوا) شهنشاه پينل جي ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي مرڪزي اڳواڻ عبد الغفار سومرو جو اسان جو پينل پوري سنڌ جي ضلعن مان وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندو . هن چيو ته اسٽاڪ اسسٽنن ۽ لائيو انسپيڪٽرن جي 17، 16 ۽ 15 گريڊس رهيل پروموشنن جي لاءِ جلد (ڊي پي سي) ويهندي. جن رجا رهيل پروموشنن جلد ڪيا ويندا . ان موقعي تي مرڪزي اڳواڻ عبد الغفار سومرو وڌيڪ چيو ته بيروزگار نوجوان جيڪو ڪورس پاس ڪري ويٺا انهن جي لاءِ جلد ڪاميٽي جوڙي بيروزگار اسٽاڪ اسسٽنٽن جي روزگار جا موقعا ڏياريا ويندا . هن سنڌ ۾ تمام بيروز گار نوجوان آهن جن کي روزگار جي سخت ضرورت آهي . ان موقعي تي تقريب کي (سپوا) مرڪزي اڳواڻن تيجول مل مينگهواڙ ، امير بخش ڏيرو، نامزد مرڪزي اڳواڻن سيد تيمور علي شاه . انورعلي وسطڙو وڏيرو اجمل وسطڙو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو ان اڳ آيل مهمانن مرڪزي اڳواڻن کي سنڌ جي روا سوکڙي اجرڪ پارايا ويا

بقايا | سنڌيار | 02

دوران پڪڙي ورتو جنهن مان ست مورن جي ٻچن جون جوڙيون ۽ پنج ڪلو جيترو سفيد ٻاچڪي ۾ گوشت هٿ ڪري ورتو جڏهن ته اطلاع تي ڪلوئي ٿاڻي جو وڏو منشي شمشاد سومرو پهچي گاڏي کي اهلڪارن کان ڇڏرائي گاڏي ۽ مورن جي ٻچن کي کي شڪارين جي حوالي ڪري ڇڏيو جڏهن ته صحافين جي ٽيم پهتي ته وڏي منشي شمشاد سومرو چيو ته هي مور ايس ايس ٿرپارڪر جي پي آر وجا آهن پولس پوسٽ تي ڊيوٽي تي بيٺل اهلڪارن کي وڏي منشي شمشاد سومرو ڌمڪيون ڏئي گاڏي کي ڪيرائي ويو جڏهن ته اهڙي خبر سوشل ميڊيا تي باه جي پکڙجي وئي هوڏانهن گيم ڪاتي جي انچارج مير اعجاز چيو ته منهنجي ايس ايس پي ٿرپارڪر سان فون تي ڳالهه ٿي آهي مون چيو آهي ته ڪلوئي ٿاڻي جي منشي پاران ڇڏيل مورن جا ٻچا ۽ گاڏي جوابدار اسان کي هٿ ڪري ڏنا وڃن.

بقايا | سنڌيار | 03

ڳالهائيندي چيو ته وارڊ نمبر ڏهه سورج آباد محلا جي ڊرينيج سسٽم جيڪو هاڻي ناڪاره بڻجي ويو آهي جنهن جي ڪري پاڻي جون گهٽين ۾ [illegible] ڊرينيج جو پاڻي گهرن ۾ داخل ٿي وڃي ٿو [illegible] ميونسپل انتظاميه [illegible] بلال پنهور وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاه [illegible] سان [illegible]

بقايا | سنڌيار | 04

مدرسي تفهيم القرآن جي سالياني سنڌن ورهائڻ جي تقريب [illegible] بخش ڪلمتي جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان [illegible] سليم بلوچ سميت علائقي جي معززن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي [illegible] بخش ڪلمتي پاران الخدمت ويلفيئر [illegible] مفت زمين ڏيڻ جو اعلان [illegible]

جو اعلان ڪيو جنهن بابت حافظ نعيم رحمان جلد خوشخبري ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ قاري شڪيل احمد کي بهترين پروگرام ڪرڻ تي شاباس ڏني مسلم ليگ جي اڳواڻ ڳالهائيندي چيو ته علائقي ۾ علاج لاءِ ڪابه سهولت ناهي مان ڪراچي جماعت اسلامي جي امير کي گذارش ڪندس ته علائقي جي رهواسين لاءِ اسپتال جو اعلان ڪري اسپتال لاءِ زمين مان ڏيان ٿو.

بقايا | سنڌيار | 05

ڪيو آهي جنهن تان چوڪري جا مائٽ اسان جا ويري ٿي ويا آهن اسان کي جان جو خطرو آهي ۽ منهنجي مٿان يا منهنجي عزيزن تي چوڪري جا والدين ڪوڙو ڪيس ڪرڻ ۽ اسان کي جان سان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن اسان آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي سنڌ . ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ايس ايس پي شهيد بينظير آباد کي اپيل آهي ته اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا | سنڌيار | 06

۾ ڪينٽ اسڪول بدين اچي رهيا هئا ته ٽر ڪول باءِ پاس تي سامهون کان ايندڙ موٽر سائيڪل سوار کي بچائيندي ٽوڊي ڪار ڪلٽيون کائيندي رستي کان هيٺ وڃي ڪري جنهن جي نتيجي ۾ ڪار ۾ سوار 6 سالن جي ٻارڙي عليزا موقعي تي فوت ٿي ويئي جڏهن ته علينا ۽ جگيدا سميت موٽر سائيڪل سوار بختيار سومرو زخمي ٿي پيا واقعي کان پوءِ رستي تان ايندڙ ماڻهن گاڏيون روڪي فوتي ٻارڙي جو لاش ۽ زخمين کي اندس اسپتال بدين پهچايو جتان مرهم پٽي کان پوءِ زخمين ۽ لاش کي وارثن جي حوالي ڪيو ويو جيڪي لاش ۽ زخمين کي ٽنڊو باگو کڻائي ويا بدين پوليس واقعي جي رپورٽ داخل ڪري گاڏين کي تحويل ۾ وٺي وڌيڪ جانچ ڪري رهي آهي

بقايا | سنڌيار | 07

خلاف احتجاج تفصيل موجب بدين شهر جي مين پير عالي شاه عيد گاه جنهن ۾ روز جنازي نمازون پڻ ادا ڪيون وينديون آهن ان جي ٽنل ڦٽل مين روڊ تي گٽرن جو پاڻي هر وقت موجود رهي ٿو جنهن ڪري ڪانڌي گٽرن جي گندي پاڻي مان جنازي کي گذاري عيدگاه پهچائي جنازي نماز ادا ڪرڻ تي مجبور آهن ڪاله هڪ جنازو جڏهن عيد گاه روڊ تي پهتو ته هر طرف گٽرن جو پاڻي بيٺل هو جنهن تي شهرين سخت احتجاج ڪندي چيو ته گٽرن جي نيڪال جو ڪو بندوبست نٿو ڪيو وڃي جنهن جي ڪري صورتحال بد کان بدتر ٿيندي پئي وڃي شهرين سنڌ جي چيف سيڪريٽري ۽ ڪمشنر حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي ته ميونسپل ڪميٽي بدين جي اختيارين جي خلاف سخت قدم کڻي شهر ۾ صفائي غلاظت جو خاتمون آندو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 08

سياسي سماجي ڌرين پاران سماجي اڳواڻ چيف احمد علي ملڪ، اڪبر ملڪ، راڻا رياض، محمد علي ملڪ، ثناء الله سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين جو چوڻ هو ته پورهيت جنيد شيخ جي لاش هٿ اچڻ واري واقعي کي الائينس شگر مل انتظاميا لڪائڻ چاهي ٿي، پورهيت جنيد ملڪ کي قتل ڪري لاش ڪيميڪل واري تلاءَ ۾ اڇليو ويو آهي چئن ڏينهن کان وارث ۽ سياسي سماجي ڌريون سراپا احتجاج بڻيل آهن مگر وارثن کي انصاف نٿو ملي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ٻين وس وارن کي معاملي جو نوٽيس وٺي قاتلن کي بينقاب ڪري گرفتار ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا | سنڌيار | 09

گل عمران خان، سيڪريٽري جنرل ناصر ايس پٽي جي سربراهي ۾ وفد دادو پريس ڪلب پهتو، ٻوڏ ۽ برسات سبب دادو ضلعي ۾ وڏي تباهي آئي آهي، ملڪ کان ٻاهر ۽ ملڪ ۾ رهندڙ مسيحي برادري هن ڏکي گهڙي ۾ [illegible]

بقايا | سنڌيار | 10

باغي ساگر پنهور ۽ نائب صدر [illegible] مبارڪباد جو سلسلو جاري آهي [illegible]

بقايا | سنڌيار | 11

شاگردن کي انعام ڏيڻ واري تقريب [illegible] الطاف حسين [illegible] جاويد احمد وسطڙو، ارباب علي ملاح، امجد علي ميمڻ، مشتاق احمد

ميمڻ ۽ رميز احمد چنو پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن کي انعام ڏنا. پهرين پوزيشن طاهر علي [illegible]، ٻين آفتاب علي ڪوسو [illegible] ۽ ٽين پوزيشن سون ڪمار [illegible] حاصل ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي استادن چيو ته تعليم انسان جي سٺي تربيت ڪري ٿي جنهن کي حاصل ڪرڻ اسان تي فرض آهي ۽ اڄ جي شاگردن محنت ڪري پوزيشنون حاصل ڪيون آهن اهي مبارڪباد جا مستحق آهن.

بقايا | سنڌيار | 12

۾ شريڪ ٿيا معاهدي تي دستخط ڪيا، پنهنجي ادارن پاران معاهدي ۾ ليپوروسي کي ايم سي اسپتال منگهو پير ۽ يوٿ ڊويلپمينٽ سينٽر دل بوڏ گوٺ مليرِ ۾ اينٽي نارڪوٽيڪس فورس ڊرگ ري ايبليٽيشن سينٽر قائم ڪرڻ [illegible] جي عادي [illegible] سنڌن علاج [illegible] خوراڪ ۽ [illegible] ويندين نوجوانن [illegible] مان چڻڪارو [illegible] ٻڌايو ويندو [illegible] نارڪوٽيڪس [illegible] سان نشي [illegible] نئين زندگي [illegible] سگهندا. خبر موجب [illegible] سنڌ ۽ اينٽي [illegible] جي وچ ۾ [illegible] قائم ڪرڻ لاءِ معاهدو ڪيو ويو، معاهدي تقريب ۾ سوشل ويلفيئر ڪاتي جي صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو ۽ اينٽي نارڪوٽيڪس فورس جي ڪمانڊر برگيڊيئر وقار رضوي ۽ سيڪريٽري سوشل ويلفيئر سنڌ شيرين ناريجو معاهدي جي تقريب ۾ شريڪ ٿيا. معاهدي ۾ ليپوروسي کي ايم سي اسپتال منگهو پير ۽ يوٿ ڊويلپمينٽ سينٽر دل بوڏ گوٺ مليرِ ۾ اينٽي نارڪوٽيڪس فورس ڊرگ ري ايبليٽيشن سينٽر قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو چيو ته منشيات اسان جي نوجوان نسل کي اڏوهي جيان کائي رهي آهي. نوجوان نسل نشي جو عادي بڻجي پنهنجي زندگي تباهه ڪرڻ سان گڏ پنهنجي خاندان لاءِ آزار بڻيل آهن. هڪ فرد جي ڪري پورو گهراڻو پريشان رهي ٿو جڏهن ته معاشري ۾ چورين ۽ ڏوهن ۾ پڻ اضافو ٿي رهيو آهي نوجوان نسل کي نشي جي عادت کان ڇڏڪارو ڏيارڻ ۽ پنهنجي زندگي نئين سري سان شروع ڪرڻ لاءِ اينٽي نارڪوٽيڪس فورس ۽ سماجي ڀلائي واري کاتي پاران گڏيل طور نشي جي عادي مريضن جي بحالي لاءِ سينٽر قائم ڪرڻ جو معاهدو ڪيو ويو آهي جنهن سان نشي جي عادي ماڻهن جو مفت ۾ علاج سان گڏ رهائش، کاڌ خوراڪ ۽ ٻيون سهولتون مهيا ڪيون وينديون. صوبائي وزير ساجد جوکيو چيو ته آئون اينٽي نارڪوٽيڪس فورس جي ڪمانڊر برگيڊيئر وقار رضوي ۽ سندس ٽيم جو شڪريو ادا ڪيان ٿو جنهن نشي جي عادي نوجوانن جي بحالي لاءِ سوشل ويلفيئر کاتي سان معاهدو ڪري نشي جي عادي ماڻهن جي بحالي لاءِ سينٽر قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي جيڪو هڪ سٺو ۽ وقتائتو قدم آهي جنهن سان نشي جي عادي ماڻهن کي نئي زندگي شروع ڪرڻ جو موقعو ملندو. صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو چيو ته بحالي سينٽرن ۾ شروعاتي طور ڪراچي ۾ سينٽر قائم ڪيا پيا وڃن جنهن جو دائرو سڄي سنڌ ۾ وسيع ڪيو ويندو. صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو وڌيڪ چيو ته بحالي سينٽرن ۾ نشي جي عادي مريضن کي داخل ڪري سنڌن علاج ڪيو ويندو کين کاڌ خوراڪ ۽ دوائون مفت فراهم ڪيون وينديون نوجوانن کي نشي جي لعنت مان ڇڏڪارو ڏياري باعزت شهري بڻايو ويندو. سوشل ويلفيئر ۽ اينٽي نارڪوٽيڪس فورس جي معاهدي سان نشي جا عادي نوجوان پنهنجي نئين زندگي جي شروعات ڪري سگهندا

بقايا | سنڌيار | 13

ڪولاچي جو ڪينجهر جي رهواسي امتياز علي گنڊرو سان ٽنڊو محمد خان جي ڪورٽ ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو پريمي جوڙي ٽنڊو غلام حيدر جي صحافين اڳيان ڏانهيدي چيو ته اسان پاڻ ۾ پيار محبت ڪريون ٿا منهنجا مائٽ منهنجي رضامندي بغير ٻي هنڌ شادي پئي ڪرڻ چاهي جنهن سبب آئون گهران نڪري امتياز علي گنڊري سان ٽنڊو محمد خان ڪورٽ ۾ شادي ڪئي آهي جنهن سبب منهنجا مائٽ منهنجا ۽ منهنجي مڙس خلاف ٿي بيٺا آهن ۽ انهن مان مون کي ۽ منهنجي مڙس کي جان جو خطرو آهي تحفظ ڏنو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 14

خان پٽي ٽئين پوزيشن تسڪين ظفر پوزيشن ڪئي ڪيوز ڪاپيٽيشن ۾ سسئي گروپ ڪئي ورتو ٽيبلوز ۾ رحمت ٽانوري سائر شاهنواز سويره بتول اڄڻ ثمرن ڪماري بهترين پرفارمنس ڏيکاري واه واه ڪرائي ڇڏي پوزيشن هولڊر شاگرد ۽ شاگرديائين کي ايوارڊ ۽ مڊل پڻ ڏنا ويا مهمان خاص ڊي اي او ايليمينٽري سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري خيرپور علي احمد راڄپر تعلقو ٺري ميرواه گسٽا پريزيڊنٽ استاد جمال الدين شر استاد مشتاق شنباڻي استاد مصري خان بوزدار راشد بوزدار استاد منير بوزدار ناظم ٽالپر روشن علي پتافي ۽ پريس ڪلب بوزدار وڏا جي صدر منصور ٽيبو سنڌس سٽ جي ساٿين امجد ٽانوري صفدر پنهيار ضمير

انصاري مظفر شبير بوزدار ۽ ضمير انصاري شرڪت ڪئي ايڪتا پهرين پروگرام ۽ امتياز فقير قومي گيت ڳائي استادن شاگردن ۽ شاگرديائين [illegible] ڊي اي او علي احمد راڄپر خطاب ڪندي چيو ته گورنمينٽ هاءِ اسڪول بوزدار وڏا [illegible] ڪري سڀني کي پنڊال کي جهومائي ڇڏيو گورنمينٽ هاءِ اسڪول بوزدار وڏا جي هيڊ ماستر استاد علي اصغر بوزدار سنڌ جي ثقافت کي نروار ڪندي پروگرام شرڪت ڪندڙ مهمان خاص کي اجرڪ پڻ اوڍيا ۽ سڀني آيل مهمانن جو شڪريو ادا پڻ ڪيو.

بقايا | سنڌيار | 15

جو دورو ڪيو دوري دوران رستن تي بيٺل پاڻي اٿين صفائي نه هجڻ تي اٿين روڊن رستن اٿين قبرستانن تي انڪروچمينٽ هجڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي سپائي چيف ميونسپل آفيسر، انجنيئر هاءِ وي ڊويزن دادو، انجنيئر پبلڪ هيلٿ دادو اٿين مختياڪار دادو کي رپورٽ سميت طلب ڪري ورتي.

بقايا | سنڌيار | 16

هٿيارن سميت گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار غلام فاروق ڪلهوڙو جي قبضي مان بنا لائسنسي پستول (30 بور) ۽ 06 رائونڊ هٿ ڪري سنڌ آرمس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو پريا سٽي پوليس گشت دوران منشيات فروش کي مضر صحت گٽڪا سميت گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار محمد امين ڪلهوڙي جي قبضي مان 220 ساشي گٽڪا هٿ ڪري مين پڙي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪنڊيارو ٿاڻي جي پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي گٽڪا وڪرو ڪندڙ کي نقصانڪار گٽڪا سميت گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار احمد خان/نعيم هيسباڻي جي قبضي مان 330 ساشي گٽڪا هٿ ڪري مين پڙي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا | سنڌيار | 17

پر ڪيس ۾ پيش رفت نه ٿي سگهي آهي. اينٽي ڪرپشن، نيب ۽ ايف آئي اي مک جوابدارن کي گرفت ۾ آڻي ناهي سگهي. مک جوابدار اگهوٽو ڊي سي نوشهروفيروز تاشفين عالم فرار ٿيل آهي. اين ايچ اي جي ٺيڪيدار رحمت الله سولنگي، اصغر جتوئي ۽ خالد چنه، ٽپيدار ٺارو ڀهوڙ ۽ اگهوٽو مختياڪار ڀرياسٽي نياز اڄڻ به روپوش بڻيل آهن. اينٽي ڪرپشن کاتي ڪيس کي ڪمائڻ جي مشين ٺاهي ڇڏيو آهي ۽ کاتو ڪيس ذريعي پئسا ميڙڻ ۾ پورو آهي ۽ ڪيس کان ٻاهر روينيو آفيسرن کي داٻا ڏئي لکين روپيا اوڳاڙيا ويا آهن. جڏهن ته جوابدارن کي بچائڻ لاءِ ڊيل هلندڙ آهي. ۽ ڪيس جا اهم مک جوابدار اگهوٽو مختيار ڪار ڀريا نياز اڄڻ ۽ ٽپيداري ٺارو ڀهوڙ نوشهروفيروز ضلعي جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ گهمندي ڏنا ويا آهن جن جي حوالي سان اهم ذريعن جو چوڻ آهي. ته نياز اڄڻ ۽ ٺارو ڀهوڙ گرفتار ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي ۽ ان کان سواءِ ڪراچي جي خاص بئنڪ عدالت مک جوابدار جا ضمانت نه ٿيڻ جو ڳجها گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا. عدالت ايف آئي اي جي درخواست تي گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪيا. عدالت پاران جوابدارن کي گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڪيو هو. پر ايف آئي اي اهم جوابدار کي پيش ڪري نه سگهي. آهي ٻئي طرف اينٽي ڪرپشن نوشهروفيروز جي سرڪل آفيسر محمد زمان اعوان جو چوڻ آهي ته ڪيس ۾ گهربل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن ۽ جلد سمورا جوابدار گرفتار ڪري جاچ جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا | سنڌيار | 18

سياسي سماجي اڳواڻن، صحافين ۽ برادري جي ماڻهن جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 19

ڪيل تقريب ۾ نون ڀرتي ٿيل استادن ۽ استاديائين سميت ٽي اي او سڄاول فدا لغاري، ٽي اي او ميرپور بٺورو علي گرماڻي، پ ٽ الف سٽي سڄاول جي صدر محمد عمر ميمڻ، ضلعي جنرل سيڪريٽري بهادر ناز پليجو ڪي بي ٻهراڻي، عبدالقادر ڪنير، بهادر ناز پليجو خصوصي شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي محمد موسا لغاري، بهادر ناز پليجو ڪي بي ٻهراڻي، امين سرواڻ، رمضان ٻاگهل، غلام مصطفي ميربحر، مس شرجيلا ميمڻ، اسد مهراڻوي ۽ ٻين چيو سنڌ

جي استاد کي سازش تحت بدنام ڪيو ويو آهي. انهن کي گوسڙو چيو وڃي ٿو اها سنڌ جي تعليم کي تباهه ڪرڻ جي سازش آهي. جن قومن استادن کي اهميت ڏني اهي قومون عظمتن جي آسمان تي پهچي ويون آهن. استاد قومن جي بقا ۽ عروج جا ضامن آهن. انهن چيو ته استادن ۾ خاص ڪري پرائمري استادن کي جيستائين اهميت نه ڏني وئي ته اسان ڪڏهن به ترقي نه ڪري سگهنداسين. هنن چيو ته اسان استادن جي عزت جا ضامن آهيون اسان نه ٿا چاهيون ته ڏهه سيڪڙو استادن جي ڪري سنڌ جي نوي سيڪڙو استادن جي عزت کي چيهو رسايو وڃي. هنن چيو ته اسڪولن ۾ جيڪڏهن سرڪار پاران بلڊنگ، ڪتاب ۽ فرنيچر سميت ٻيون سهولتون نه ٿيون مهيا ڪري ڏنيون وڃن تڏهن به اسان جو فرض آهي اسان پنهنجي قوم جي ٻچن کي وٽن جي ڇانوَ ۾ به تعليم جي زيور سان نوازيون. تقريب ۾ ڪمپيئر جا فرائض لطف الله ميمڻ ۽ نجيب سرويچ سرانجام ڏنا. تقريب ۾ مدرسه سائٽ پرائمري اسڪول، سبحان پنجابي، گرلس پرائمري اسڪول ء بهاول خان پرائمري اسڪول جي ٻارڙن پاران ٽيبلوز پڻ پيش ڪيا ويا. تقريب جي آخر ۾ مدرسه سائٽ اسڪول جي استاد ۽ پ ٽ الف اڳواڻ محمد امين سرواڻ پاران آئي بي اي ٽيسٽ پاس استادن کي جلد کان جلد پڳهارون ڏيڻ ۽ ڏهه سالن کان 9 گريڊ ۾ ڪم ڪندڙ ٽيسٽ پاس استادن کي اعلانيل 14 گريڊ ۾ اپگريڊ ڪرڻ جي قرارداد پاس ڪرائي وئي. جڏهن ته ٽيسٽ پاس استادن کي حق ڏيارڻ لاءِ اڪيلي سر ء پيرين پنڌ پٽائي جي درگاه کان ڪراچي لاءِ لانگ مارچ ڪندڙ استاد محمد علي شرجي لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ويو.

بقايا | سنڌيار | 20

هائير سيڪنڊري گرلس اسڪول جي عمارت جي آڊيٽوريم هال ۾ رهاڻ لطيف جي منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو . هن چيو ته لطيف پنهنجي شاعري ۾ اولائي قديم آڳاٽي دور ۾ جديد شاعري جا عڪس دنيا کي ڏيئي اجرڄ ۾ آڻي ڇڏيو آهي ، دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ لطيف جي شاعري کي وڏو مان ۽ مرتبو ڏنو ويو آهي پر افسوس آهي اسان پنهنجي ملڪ جي اندر لطيف جي شاعري کي محدود بڻايو آهي ، ٽنڊو محمد خان جي هن علائقي ۾ مخدوم بلاول ڪاليج ۽ دارالعلوم اسڪول جي شاگرديائين ۽ شاگردن جي قابليت ۽ لطيف جي بابت تقريري مقابلن واري جاڻ سنڌن علمي جاڻ جو ثبوت آهي ، لطيفي رهاڻ تقريب کي سنڌي ٻولي جي مزاحمتي شاعر حافظ محمد نظاماڻي خطاب ڪندي چيو ته شاه لطيف جي شاعري انسانيت جي ڀلائي لاءِ هڪ عظيم روشن راه آهي . جنهن جي شاعري سان سنڌ جي تاريخي ڪردار جي جاڻ ملي آهي ته وري سنڌ جي سورمين جي داستانن سنڌ جي تاريخ کي محفوظ ڪيو آهي . لطيفي رهاڻ واري تقريب کي ناليواري ليکڪ ڊاڪٽر انور علي عالماڻي خطاب ڪندي چيو ته شاه لطيف جي شاعري ۾ تمدن ، ثقافت ، تهذيب قومي ورثي جا ڪردار تاريخ جو عظيم سرمايو آهن ، جنهن ۾ لطيف شاعري جي سمورن رخن سان شاعري جو جديد لاڙو متعارف ڪرائيندي سنڌي ٻولي جي شاعري کي پوري دنيا ۾ مان ۽ مرتبو ڏنو آهي . لطيف جي شاعري قومي اثاثو آهي ، جيڪادنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ تعليمي سرشتي جو حصو بڻيل آهي ، دنيا جا ترقي يافته ملڪ لطيف جي شاعري کي پنهنجي تعليمي نصاب ۾ شامل ڪري ان مان جاڻ حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻائي رهيا آهن اسان جي ملڪ ۾ لطيف جي شاعري کي نصابي ڪورسن ۾ محدود بڻائي ڪو به هڪ سبجيڪٽ جو حصو نه بڻايو ويو آهي . لطيف جي شاعري کي اعلىٰ تعليمي ادارن ۾ وڌيڪ فوقيت ڏيڻ جي ضرورت آهي ، سنڌ جي نوجوانن کي لطيف جي شاعري کي سمجهي پنهنجي روشن مستقبل ڏانهن اڳتي وڌڻ گهرجي ، لطيفي رهاڻ تقريب کي تقريب کي پروفيسر رسول بخش پرڳڙي ، پرنسپل ميڊم حنا ، پروفيسر ڊاڪٽر محمد اشرف سمون ، ڊاڪٽر عبدالغني پٺاڻ ، ڊاڪٽر سڪندر ڀٽ ، ايڊووڪيٽ رسول بخش سولنگي ، محمد جمن سومرو ۽ ٻين خطاب ڪيو . جڏهن ته لطيفي رهاڻ واري تقريب ۾ شاگرديائين ۽ شاگردن لطيف جي شاعري بابت تقريري مقابلين ۾ حصو وٺي پوزيشن طور انعام ۽ شيلڊون حاصل ڪيون ، رهاڻ لطيف تقريب ۾ ٽيبلوز، قومي گيت پڻ پيش ڪيا ويا ، تقريب جي آخر ۾ مقامي لوڪ فنڪارن ڪلام ٻڌائي داد حاصل ڪيو ، تقريب ۾ علائقي جي رهواسين شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 21

ٽي ڊي ايس پي ٻنڌماڙي مشتاق احمد چنا جي اڳواڻي ۾ ايس ايڇ او شاه پنجو پورل خان سومرو ۽ ايس ايڇ او ٻنڌ ماڙي عرس ناريجو پوليس پارٽي سان گڏجي ڦورون جو پيڇو ڪيو ۽ علائقي ۾ ناڪابندي ڪئي وئي، پوليس جي تڪڙي رد عمل تي ڌوهاري گرفتاري کان بچڻ لاءِ ڦرڪيل ٻڪريون ۽ لوڊر رڪشا ڦٽي ڪري فرار ٿي ويا،پوليس ڦرٿيل 23 ٻڪريون ۽ لوڊر رڪشا تحويل ۾ وٺي مالڪن حوالي ڪري ڇڏيا آهن، جڏهن ته ڌوهارين جي هٿ ڪرڻ لاءِ پوليس وڌيڪ مصروفِ عمل آهي،ٻئي پاسي پوليس جي اهڙي ڪاروائي تي واپارين ۽ ڳوٺاڻن طرفان پوليس جي ساراه ڪندي کين حوصلا افزائي ڪئي وئي آهي جڏهن ايس

ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو پڻ ڊي ايس پي ٻنڌماڙي ۽ ٽيم کي شاباس ڏني آهي.

بقايا | سنڌيار | 22

خيالن جو اظهار هن الحمد يونيورسٽي ۾ شاگردن جي پروگرامن ورهائڻ واري تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو. شاگردن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهائڻ سان گڏ الحمد جي 25 هين سالگره پڻ ملهائي وئي، ان موقعي تي ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي ايسٽ رحمت الله شيخ کي ضلعي اوڀر ۾ بهترين ميونسپل سروسز تي تعريفي شيلڊ پيش ڪئي وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي هن وڌيڪ چيو ته ڊي ايم سي ايسٽ جي اسڪولن ۾ تعليم جي معيار کي بلند ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو ويو آهي، جنهن جي ڪري ڊي ايم سي ايسٽ جا ڪجهه اسڪول هر سطح تي بهتري آڻڻ شروع ڪيا آهن. هن ڪيس مشورو ڏيندي چيو ته تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪم ڪيو وڃي. اقراءِ جي اهميت لغوي معنيٰ ۾ آهي، اقراءِ ۾ جتي دنيا جي سڌاري آهي، اتي آخرت جي سمجه به آهي، سمجهو ته علم ورهائڻ جو نالو آهي ۽ هر شاگرد کي تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ علم کي استعمال ۾ آڻيو ۽ ان کي ٻين تائين پهچايو. الحمد ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر ڪليم الرحمان ايڊمنسٽريٽر ڊي ايم سي اوڀر جو دورو ڪرڻ تي شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته الحمد تعليمي ادارن ۾ پنهنجو مقام ناهڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي ۽ هتي جا پڙهيل ڳڙهيل پنهنجي مستقبل کي تعمير ڪري رهيا آهن، هن اوڀر ضلعي جي بهتري لاءِ شاندار ڪارڪردگيءَ کي ساراهيو ۽ کيس خاص مهمان طور ۽ بهترين ڪارڪردگيءَ تي شيلڊ پيش ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 23

آهي ته مڙس گهر واپس اچڻ جي صورت ۾ طلاق جي ڌمڪي ڏئي ٿو اهڙي شڪاير پائر نياز، اياز ۽ خالد وڳهيو کي ڪئي ته هو به نه ٿا ٻڌن عورت پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته کين ڏانهن ٻڌي انصاف ڪيو وڃي ٻيءَ صورت ۾ هو پاڻ کي ماري ڇڏيندي جنهن جو زميوار مڙس ۽ پائر هوندا.

بقايا | سنڌيار | 24

منظور اڄڻ ،قانوندان محمد ايوب لاڙڪ ، بشير قادري جو ڊاڪٽر ڪمال جامڙو جي ٻي ورسي تقريب کي خطاب رپورٽ موجب سنڌي ٻولي جي ماهر لوڪ ادب جي محقق سنڌ جي ڏاهي ڊاڪٽر ڪمال جامڙي جي ٻي ورسي تقريب منظور اڄڻ جي صدارت ۾ منعقد ڪئي مهمان خاص نوجوان شاعر قانوندان محمد ايوب لاڙڪ ، صحافي سيد پياس علي شاه درازي ،سنڌي ادبي سنگت جا اڳواڻ اسلم ٻڍ ، قربان گل چنا ، بشير قادري رمضان عباسي ، معشوق جامڙو ،زاهد ٽنيو نبي بخش پارس هئا ان موقعي تي مقررن چيو ته ڊاڪٽر ڪمال جامڙو سنڌي ادب جو بهترين ليکڪ ، محقق ،تاريخدان ، مترجم ، ۽ مصنف هيو سندس 48 تاليم کان وڌيڪ ڪتاب سهيڙيل ۽ تخليق ٿيل آهن سندس ڪتابن کي سچل ڊگري ڪاليج راڻيپور جي لائبرري ۾ ڪنا ڪري سندس نالي سان ڊاڪٽر ڪمال جامڙو جي نالي سان ڪارنر قائم ڪرڻ لاءِ گڏيل جدوجهد ڪئي ويندي چوته ڪمال جامڙو سچل ڪاليج جو شاگرد هيو جتي هن ڪيترائي ادبي ميڙاڪا ڪرايا ۽ سيمنار ڪرايا راڻي پور ۾ ادبي سنگت جو باني ميمبر رهيو ان ڪري سندس نالي سان سچل سرمست ڊگري ڪاليج ۾ سندس نالي سان ادبي ڪارنر هجڻ ضروري آهي ته جيئين ٻي ايچ ڊي لاءِ تياري ڪندڙ شاگرد سندس ڪتابن مان فائدو حاصل ڪري سگهن ورسي تقريب کي شاهد جامڙو ،مير محمد چاچڙ ، نصير بزمي ايوب الرحمان ، قلندر بخش جامڙو حيدر علي عمراڻي ، گلڻ جامڙو ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا | سنڌيار | 25

ٻو ڊڪڻ وڻ منهنجو ڪٽڻ لاءِ گهر ۾ گهڙي آيا , منهنجي پيءُ هنن کي چيو ت وڻ لوڙهي جي جاءِ تي ڪر اچي ٿو اسان جووڻ پردي برابر آهي, وڻ کي مان ڪڏهن ب ڪٽڻ ڪان ڏيندس, جنهن تي هنن مڃرجي منهنجي پيرسن پيءُ کي گارگند ڏئي مارڪٽ ڪري زبردستي وڻ ڪپي کڻي ويا , هن وڌيڪ ٻڌايو ت مان پاڙيسرين کي ۽ رسول آباد پوليس ڏي انصاف لاءِ داڻهن ڪئي ويس پر هنن منهنجو تدارڪ ن ڪيو, الٽو هو چون پيا چريو آهي، نيٺ مان مجبورتي ميڊيا ڪئي آهي, ت جيئن مون مسڪين جو تدارڪ ٿئي, وڻ ڪپي هنن مونسان وڏو ظلم ڪيو آهي, هن ايس ايس پي خيرپور ,ايس ايچ او هنگورجاءِ ٻين اعلي اختيارين کي اپيل ڪئي ت وڻ جي قتلام ڏوهه ۾ قادن ۽ ٻي ٻو ڊڪڻ کي گرفتار ڪري مون فقير جو ازالو ڪيو وڃي,

بقايا | سنڌيار | 26

بعد به عام ماڻهوءَ کي رليف نه ملي سگهيو، شهر اندر سبزي فروٽ سميت روز جي استعمال واريون شيون جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا، مارڪيٽ ڪاميٽي جي مجرماڻي خاموشي سبب دڪاندارن پاران هر شئي مٿان مرضي جا اگهه مقرر ڪري ڇڏيا آهن، تفصيلي خبر موجب ملڪ جي ٻين شهرن وانگر نئون ديرو ۾ به مهانگائي جي طوفان ڪيترن ئي غريب مزدورن جا گهر اجاڙي ڇڏيا آهن، موجوده مهانگائي ۾ اگر ڳالهه ڪئي وڃي بصرن جي ته جنهن جو سرڪاري ريٽ 215 روپيا مقرر هجڻ باوجود مارڪيٽ اندر 240 ۽ 260 ۾ فروخت ٿي رهيو آهي جڏهن ته ساوا مرچ 440 ثوم ۽ ادرڪ 400 روپيا في ڪلو فروخت ٿي رهيا آهن، سياري جي موسم دوران ٽڪي ڏڙي فروخت ٿيندڙ چماٽا به هن دفعي آسمان سان ڳالهيون ڪندي 70 روپيا في ڪلو فروخت ٿي رهيا آهن، اهڙي ريٽ پٽاٽا 50 کان 60 ۽ مٽر 100 بند گوبي 50 گل واري گوبي 60 روپيا في ڪلو فروخت ٿي رهي آهي، اهڙي ريٽ اٽو چانور، کنڊ، داليون به غريب جي ڪائڻ کان پري ٿي رهيون آهن مارڪيٽ ڪميٽي پاران دڪاندارن کان اگهن جي چڪاس نه ڪرڻ ڪري هر دڪاندار پنهنجي مرضي جي اگهن تي سيڌو سامان فروخت ڪري عام ماڻهوءَ کي پريشان ڪري رهيو آهي، دڪاندارن جي اهڙي بدمائشي خلاف شهرين پاران ڪمشنر لاڙڪاڻو ڊي سي لاڙڪاڻو ۽ اي سي رتوديرو کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته نئون ديرو اندر مرغي، گوشت، مڇي ۽ سبزي سميت فروٽ ۽ روز واري استعمال ۾ ايندڙ شئين جي اگهن جي مڪمل چڪاس ڪري غريب ماڻهوءَ کي رليف ڏنو وڃي، اهڙي ريٽ شهرين پاران شهر جي مختلف چونڪن تي سرڪاري ريٽ تي اٽي جا اسٽال لڳائڻ جو به مطالبو ڪندي چيو ويو آهي ته شهيدن جي شهر نئون ديرو ۾ رهندڙ غريب طبقي جي ماڻهن لاءِ سرڪاري اگهه تي اٽي جا اسٽال لڳائي غريب ماڻهن جي گهرن مان فاقا ڪشي ختم ڪئي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 27

ڪيو ويو ان موقعي تي ڳوٺاڻن عبدالرشيد ڏاهري قربان علي گلاب رستم جاڙو خان غلام شبير ڏاهري صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته برساتن ۾ اسان جو سڀ ڪجھ تباه ٿي ويو جوپايو مال مري ويو. فصل تباه ٿي ويا. گهر ڍهي پيا سڀ ڪجھ ختم ٿي ويو پر هن مهل تائين ضلعي انتظاميه اسان جي ڪا به مدد ناهي ڪئي ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته هن وقت به اسان جي ڳوٺ جي چئن پاسن کان برساتي پاڻي بيٺل آهي جيڪڏهن ڪو بيمار ٿي پوي ٿو ته ان کي شهر کڻي اچڻ لاءِ ڪو به رستو ناهي هر طرف پاڻي ۽ پاڻي آهي انتظاميه کي ڪيترائي ڀيرا شڪايتون ڪيون پر ڪو به تدارڪ نه ٿيو ڳوٺاڻن سنڌ حڪومت سميت ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته فوري طور اسان جي ڳوٺ مان برسات جو پاڻي ڪيرايو وڃي ته جيئن پنهنجن ٻچن کي سردي ۽ مڇرن کان بچائي سگهون

بقايا | سنڌيار | 28

مائي شبيران ۽ ٻين پاران مبينه طور تشدد ڪري جان مارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن بعد ناري وجهه وٺي سرحد ٿاڻي تي پهتي جتي هن سرحد پوليس کي جان کان بچائڻ جون اپيلون ڪيون جنهن بعد سرحد پوليس مسمات ريحانه ابڙو کي تحويل ۾ وٺي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو. ان موقعي تي مسمات ريحانه ابڙو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته والدين يار محمد نوناري سان شادي ڪرائي جيڪو هر آئي ڏينهن تشدد ڪندو رهي ٿو ۽ هاڻي مڙس يار محمد نوناري، ڏيرن تاج محمد، خيرمحمد، نيڪ محمد، سس مائي شبيران ۽ ٻين انسانيت سوز تشدد ڪري جان کان مارڻ جي ڪوشش ڪئي تشدد کان تنگ ٿي سرحد ٿاڻي تي پهچي جان بچائي آهي هن تحفظ جو مطالبو ڪندي چيو ته مڙس ۽ ڏيرن مان جان جو خطرو آهي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڏنو وڃي، هوڏانهن سرحد پوليس پاران رابطو ڪرڻ تي چيو ويو ته مسمات ريحانه کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو آهي جوابدارن خلاف رپورٽ داخل ڪري کين گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن.

بقايا | سنڌيار | 29

جتي شهر ۾ تيل چورين ۽ صحافي شفيق الزمان لغاري جي گهر مان تيل چوري بابت آگاهي ڏني ته مان انشاءالله ڪجھ ٽي ڏينهن اندر چوري تيل سامان واپس ڪرائي ڌوهارين کي گرفتار ڪندس.ايس ايڇ او وڌيڪ چيو ته منشيات واپرائيندڙ ۽ منشيات فروشن کي ڪڏهن به بخش نه ڪيو ويندو. منشيات فروشن مٿان 16 ايف آءِ آرون داخل ڪيون ويون آهن هن وڌيڪ چيو ته ٻوڏ 2022 کان اڳ 130 پوليس جا جوان ٿاڻي ۾ ڊيوٽي ڏيندا هئا جڏهن ته هن وقت صرف 70 پوليس جا جوان ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيا آهن ۽ ون فاءِ پوليس جا 27 جوان ڊيوٽي ڪندا هئا جڏهن ته هن وقت صرف شهر ۾ 5 پوليس جوان ڊيوٽي ڪري رهيا آهن، پوليس نفري تمام گهٽ هئڻ ڪري ڪجھ ڏکيائون پيش اچي رهيون آهن. قلم ڏٿي حق ۽ سچ جو ساٿ ڏئي ڪري غريب عوام جو آواز بلند ڪن ٿا ته مان به قلم ڏٿين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ساٿ نڀائيندس. ان موقعي تي نيشنل پريس ڪلب جي سينيئر نائب صدر امداد علي گاڏهي، سرپرست اعليٰ ذوالفقار جتوئي، سٽي پريس ڪلب صدر عمران علي گاڏهي، عرفان مشوري، سينيئر صحافي ڪاوش اخبار جو رپورٽر مختيار چانڊيو، نجي ٽي وي رپورٽر محمد اسلم شيخ، برڪت علي چانڊيو، اياز ٻرڙو، شفيق الزمان لغاري موجود هئا.

بقايا | سنڌيار | 30

ڳوٺ ٿاڻون جي صدر ذاڪر الله هن ڪامياب ريلي ۾ پي ٽي آءِ ڪراچي جي قيادت ۽ سهراب ڳوٺ ٿاڻون جي سمورن عهديدارن، سينيئر اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، ڪابينا جي طرفان پي ٽي آءِ سهراب ڳوٺ ٿاڻون جي سمورن ڪارڪنن کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو ۽ دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان. پاڪستان تحريڪ انصاف سهراب ڳوٺ ٿاڻون جي صدر ذاڪر الله چيو ته اڄ سهراب ڳوٺ جي عوام ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته هو هڪ باوقار ليڊر سان گڏ آهن، عمران خان هميشه عزت جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ غلامي خلاف جهاد شروع ڪيو آهي ۽ اهو ٿي جهاد آهي. هر محب وطن پاڪستاني عمران خان جي حمايت ڪري ٿو، ايندڙ اليڪشن ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف سڀني مخالفن کي شڪست ڏئي پنهنجي حڪومت ٺاهيندي ۽ به ٻاڳي ٿي اڪثريت سان ڀيهر ڪاميابي حاصل ڪندي.

بقايا | سنڌيار | 31

نعريبازي ڪندي ويٺا چورنگي تي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي ايس يو پي مرڪزي اڳواڻ اعجاز ساميٽيو ايس يو پي ڊويزن صدر منير مگسي ايڪشن ڪاميٽي جنرل سيڪيٽري امير جان چانڊيو، ايس ٽي پي جي سعيد لکڻ، ڪيو اي ٽي ڊويزن نائب صدر ڪاشف خاصخيلي، ايس اين پي ڊويزن صدر صابر جمالي، جسم ڊويزن صدر شوڪت سومرو، جسقم ضلع اوير صدر رضا هليو جي اڳواڻي ۾ ويٺا چورنگي تي آرٽسٽڪ مليئنرز 4 آڏو احتجاج ڪيو ويوان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهاييندي چيو ته B 10مان فيڪٽري انتظاميان پنهنجي گنڊن هٿان مزدورن مٿان حملا ۽ تشدت ڪرايي انهن کي هيسايي ڪين حراسان ڪري جبري طور نيڪالي ڏيپي پورهيت دوشمن پاليسي اختيار ڪئي وئي آهي جيڪا کنهن به صورت تي قبول نه ڪيي ويندي اڳواڻن چيو ته جيستائين جبري طور نيڪالي ڏنل ورڪرن کي بحال نه ڪيو ويندو تيستائين احتجاج جاري رکيو ويندو جڏهن ته سوين ماڻهون جي سخت گير احتجاج کان بعد مجبور ٿي فيڪٽري انتظاميا جي ذميوار ماڻهن احتجاج ڪندڙن اڳواڻن وٽ پهچي ساٿن ڳالهيون ڪري فيڪٽري پورهيت ورڪرن سان آئنده سازگار ماحول قائم رکڻ جو يقين ڏيارڻ سميت جبري طور نيڪالي ڏنل ورڪرن کي بحال ڪرڻ جي خاطري ڪرايي احتجاج ختم ڪرايو جنهن بعد ايس يو پي مرڪزي اڳواڻ اعجاز ساميٽيو چيو ته ايس يو پي هميشه پورهيت ورڪرن سان ساٿ نڀايو آهي جيڪڏهن فيڪٽري انتظاميا اڃا به پنهنجي وايدي قايم ٿي رهي ته پوءِ هڪ ڀيرو ڀيهر دمادم مست قلندر ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 32

اغوا ٿي ويل ڳوٺ گهريو مهر گهوٽڪي جي رهواسين 33 سالن جي چمار رڪندڙ صدورو ولد محمد ٻڍل ۽ شوڪت علي ولد مولوي مڪڻ عرف اسحاق مهر کي ناپرڪوٽ پوليس ڌاڙيلن سان فائرنگ ڪري ناپر ڪوٽ ٿاڻي جي ڪچي مان بازياب ڪرائي ورتو آهي. جڏهن ڌاڙيلن مغوين کي پنهنجي قيد مان پڄندي ڏٺو ته سنڌن پيچو ڪيو ۽ فون تي پنهنجي ساٿين سان مغوين جي فرار ٿيڻ جي حوالي سان ڳالهيون به ڪرڻ لڳا اهڙي ڪال رڪارڊنگ جي روشني ۾ ايس ايس پي شڪارپور رٽائرڊ ڪيپٽن فيضان علي ڪچي جي ٿاڻن ۽ چوڪين کي الرٽ رهندي مغوين تي ڪڙي نظر رکڻ جي هدايت ڪئي جنهن کان پوءِ مغوين پوليس چوڪي جي اهلڪارن کي ڏسي انهن ڏانهن ڊوڙ لڳائي پوليس به ڦڙتيءَ جو مظاهرو ڪندي اڳتي وڌي ته ڌاڙيلن فائرنگ شروع ڪري ڏني رد عمل ۾ پوليس به فائرنگ ڪئي جنهن کان پوءِ ڌاڙيلن پنهنجو گهيرو تنگ محسوس ڪندي ۽ مغوين جو پيڇو ڇڏي فرار ٿي ويا مغوين جي بازيابي واري اطلاع کان پوءِ سندس وارث ايس ايس پي شڪارپور رٽائرڊ ڪيپٽن فيضان علي وٽ پهچي ويا ڪيس اجرڪ ۽ هار پارايا سندس شڪريو ادا ڪيو ۽ پوليس جي حق ۾ نعرا هيا.

بقايا | سنڌيار | 33

ٻين طرفان تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو ته هٽ وٺي سر نالن کي ڪٽ ڏياري اسان جا ڳوٺ ۽ فصل ٻوڙايا ويا وري پنا شاخ کي ڪٽ ڏياري چيو ويو ته پاڻي نيڪال ٿا ڪرايون جنهن مان ڪو به فائدو نه پيو ٻوڏ سبب فصل تباه ٿيڻ ۽ گهر ڪرڻ سبب اسان جا ٽي ماڻهون صدمي ۾ فوت ٿي ويا پر هن وقت تائين اسان وٽ ڪير به هلي نه آيو هن وقت ٻوڏ جو پاڻي ختم ٿي ويو آهي هن وقت اسان ڪٽڪ جو فصل پوکيو آهي پر ايريگيشن وارن طرفان پنا شاخ کي لڳل ڪٽ بند ڪرڻ بجاءِ بغير ڪٽ بند ڪندي سرءُ جو پاڻي ڇڏي ڏنو آهي جنهن سبب اسان جا فصل ۽ ڳوٺ هڪ دفعو ڀيهر ٻوڙڻ جي سازش ڪئي پئي وڃي هنن چيو ته غريب مسڪين آهيون اسان کي خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪيو ٿو وڃي هنن ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ ڪمشنر لاڙڪاڻو وزير اعلي سنڌ سول جج وارهه سيشن ڪورٽ قمبر سنڌ هاءِ ڪورٽ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي اسان جا ڳوٺ ۽ فصل بچائي اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ اسان جو پرامن احتجاج جاري رهندو

بقايا | سنڌيار | 34

پڻ هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو. ڪنپي گمر ڪيل قومي ڪارڪنن جي آزدي لاءِ سخت نعريبازي ڪئي، ايس ايس پي دادو احتجاج واري هنڌ پهچي سنڌ سڀا اڳواڻ انعام سنڌي سان ڳالهيون ڪيون ۽ خاطري ڪرائي ته سندن احتجاج جو نوٽيس ورتو آهي ۽ اهڙا حڪم جاري ڪيا آهن جنهن سان اوهان جو مسئلو حل ٿي وڃي.